

شري نريندر مودي ۽ شري لال ڪرش

ي ڊائجيسٽ





آيا ڏينهڙا
سانوڻ جا



Courtesy : Notan Tolani ➔ Hong Kong ⬅ Lal Hardasa

C-5 (115)

KOONJ

ڪونج اَدبي ڊائجيسٽ

برپا ڪندڙ: سرڳواسي هري موٽواڻي 'سنڌي'

گولڊن جبلي واري حد پار ڪندڙ
سنڌي مخزن 1960-2014

جولاءِ - آگسٽ 2014

سال : 55 - پرچو : 4

هيءُ پرچو : 60 روپيا

ڇپيندڙ : سُڌا آفسيٽ، اُلهاسنگر-3
فون : 2560465

•

چندو : ساليانو -/350
ٽي سال -/1000
پنج سال -/1500

•

چيف پيٽرنس :

شري رام جيٺملاڻي
شري مورجمل منگهناڻي
شري ديال هرجاڻي
شري لال هرداساڻي
شري نوتن تولاڻي
شري رام دادلاڻي
شري هريش ميرچنداڻي

KOONJ (Estd. 1960)

Founder Editor :
Late Hari Motwani "Sindhi"
4, Great Western Building,
2nd floor, S.B.S. Road, Mumbai - 400 023
Tel. : 0251 - 2571605 • Mobile : 9323120141
E-mail : nnchhugani@rediffmail.com
koonj@rediffmail.com
koonj.chhugani@gmail.com

گرو پورنما

سمپادڪ :
نند ڇڳاڻي

Address for Correspondence :

NAND CHHUGANI

502, Manwani Mansion,
Goal Maidan,
Near Telephone Exchange,
Ulhasnagar - 421 001.

Tel. : 0251 - 2571605

Mobile : 9323120141

E-mail :
nnchhugani@rediffmail.com,
koonj@rediffmail.com,
koonj.chhugani@gmail.com

OUR CHIEF PATRONS



Harjani Ram Dadlani Ram Jethmalani Murij Manghnani Lal Hardasani Notan Tolani Harish Mirchandani

نئون ساهتيه



چڱو جن لِکيو، مَدو سي نه پَسن،
توڙي رڻ رهن، ته به ڪنڊبون ڪائن ڪير سان:
جن جي قسمت ۾ چڱو لکيل آهي، سي ڪٿي به هوندا ته سک پيا پَسـ

Courtesy : LACHHMAN BHATIA 'KOMAL' - New Delhi

سمپادڪيہ ...

گرو پورنما

١٢ جولاءِ ٢٠١٤ تي گرو پورنما جو پوتر ڏينهن آهي. ڪاليج ۾ سرگواسي سريچند چيتملاڻي - اجمير نواسي ٻہ سال هم ڪلاسي رهيو. ماسٽر ٽيوٽوريل هاءِ سڪول - گرانٽ روڊ - سنڌ ماڊل هاءِ سڪول ۾ ڏرمداس ڪشتريا جي ايامڪاريءَ ۾ انگريزي ماڌيم وارو سڪول هلنڊڙ هو. ان جو پرنسيپال هو. عمر ۾ مون کان ڏهہ سال ڪن وڏو. شڌ ڌرمي خيالن وارو. سچو گهر ڌرمي ساهتيہ ۽ پوجا سامگريءَ سان ڀريل. آچار وهنوار ڪري ڌرماتما چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو. ممبئيءَ جي چوپاٽي ويجهو لويلڪا چال ۾ اڪيلو رهندو هو. سندس ڪان اڳ ان روم ۾ سنڌيءَ جي عالم - ڏات ڏٺيءَ چيتمل پرسرام پويان پساهہ کنيان. تيرٿ بسنت دريءَ وٽ ويهي ممبئيءَ تي خاص مضمون لکيو. سريچند سال ۾ فقط ٻہ ڀيرا ڏاڙهي - هردوار جي گنگا ڪناري لهرائيندو هو. اونهاري جي وئڪيشن ۾ ۽ ٻيو ڏياريءَ واري موڪل تي. گرو پورنما جو مهاتم مونکي هن ٻڌايو. پاڻ اُن ڏينهن تي اُستادن وٽ شرڌا پوروڪ وڃي آسيس وٺي ايندو. اوستائين شادي ڪونہ ڪيل هو. گهڻي سمجهائڻ ڪانپوءِ بہ نابري واري وينو. ايم.اي. پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هانگ ڪانگ جي اِنڊين سڪول ۾ ماسٽر طور، ممبئيءَ مان موڪل وٺي ويو. اُتي هندو مندر ۾ روز ستسنگ بہ ڪندو رهيو. هانگ ڪانگ جي کليل فضا ۽ آزاد زندگيءَ هن ۾ وڌو ڦيرو آندو. واپس اچي پرنسيپال جي ڪُرسيءَ تي وينو. پرڏيهہ جي ڪاڏل هوا ۽ لذت اثر هيٺ هن سنت ميهارام جي زور ڀرڻ تي شادي ڪري گهر وسايو. ٻار ٿيا، پر جلد گهرو زندگي بہ-ڦاڪي تي پيئي ۽ اُن ضرب ڪري ڪيس فالج جي چپيٽ آئي ۽ مرين لائينس وٽ آيرويدڪ هاسپيٽل ۾ زير علاج پويان پساهہ کنيان. هر گرو پورنما تي ياد ايندو آهي. پرم پوجنيہ پانڊورنگ شاستريجي گرو پورنما ڏينهن ممبئيءَ ۾ ماسترن - پروفيسرن ۽ پرنسيپال اڳيان ليڪچر ڏيندي چيو، ”جنم پٽريءَ ۾ گرو گرہ تمام شڪتيشالي - مکيہ اثردار گرہ ڳڻيو ويندو آهي.

☙ فهرست ❧

وشيه	رچناڪار	صفحو

کهاڻي- **”چل-ڪپٽ“**

✍ اَرجن حاسد

گوپال، پاڻيءَ ڇُڪو پيئار، ننڍڙي سُڪي تي وڃي. گاڏي ڊري ٿي آهي. رات جو سفر، ڪا اِسٽيشن اَچڻي هوندي.

دادا، اَجمير ٿو ڏسجي، هتي لهي ٿا پئون، پراوَن ۾ ڪونہ ٿيندا سين.

پراوَن ۾ ڇو ٿيندا سين، اَجمير منهنجي ساهرن جو شهر آهي، سامهون پهاڙيءَ تي پرٿويراج چوهان جو تاراڳڙه جو قلعو اتي ئي آهي، اهي ماڻهون تہ ڪونہ رهيا، پهاڙن تي پيرن جا نيشان اَجان بہ آهن، اهي سنهڙيون سنهڙيون جهاڙيون اَجان بہ آهن - پرڪرتي سَجيوِ ٿيندي آهي، پاوناڻون ۽ ڪامنائون جيئريون جاڳنديون رهنديون آهن اُتي.

تہ، دادا لهي ٿا پئون، توهانجي ساهرن جو گهر هلي ڳولهي لهندا سين، ڪَڙو ڪڙڪائيندا سين، ڪير تہ ضرور اَچي در کوليندو، توهانجي طبيعت سُڌري پوندي، هاڻي وڌيڪ رِسڪ (Risk) نہ ڪٽندا سين، اُهڃاڻ چڱا نٿا ڏسجن.

گوپال، جئپور اِسٽيشن تي بہ اها ڳالهہ ٿي هئي، جئپور تہ منهنجو پنهنجو گهر آهي، پر هاڻي ڪير بہ ڪونهي اُنهن ڳِهٽين ۾، شهر سُڃاڻڻ ۾ بہ نٿو اَچي.

گوپال چُپ هئو، اَک لڳي ويئي هوندس، ڪلهہ کان منهنجي شيوا ڪندو آيو آهي.

مون تہ ٻن ڏينهن کان ننڊ نہ ڪئي آهي، ڪو زلزلو آيو هئو، وڏن وڏن پٿرن هيٺان دٻجي ويو هوس.

اَڪيلو اَڪيلو رڙهندو رِڙهندو، هوا لاءِ ڪو ننڍڙو ٻُرڪڙو بڻائي ورتم، اَجان بہ تہ اُنهن وڏين ڇپن هيٺان آهيان. ڪَلهوڪو سڄو ڏينهن هلندڙ چلندڙ بُت جيان پاڻ کي ڳِهليندو ڳِهليندو رهيو آهيان، چل-ڪپٽ سان نظرون ملائيندو، مُرڪندو، منهن کُهنجائيندو، پاڻ کي آٿت ڏيندو.

کهڙي پيانڪتا آهي، محسوس ڪرڻ، تہ بہ ڏسڻ کان ڪيٻائڻ. اِئين هرڪنهن سان ٿيندو آهي، اَلائي مون سان ٿي رهيو آهي، پيا بہ ڏسندا تہ هوندا، مان ڪين محسوس ڪرڻ لاءِ ڪٿي ٿو ڇوان.

اُهو جي صحيح ڄڃهه تي هجي ته جنم پتري (ڄڻيءَ) کي اڄ ت
رسائيندو نه ته جنم ڪُنڊليءَ کي ڪمزور - اُلٽي سلٽي ڪري ڇڏيند
اَهڙي نموني سماج جي جنم پتريءَ ۾ اَٺ گرو اشٽ گرو سنسڪاءو
لڳيون رهن ته سچي سماج اڄ تي ٻِهندي. اهي اَٺ گرو آهن
(١) ٽيچر - ماستر، (٢) ماتا - پتا، (٣) اخبارون، (۴) ساهتي
(۵) سئنيما، (٦) وڪتا-پروچن ڪرڻ وارو فصيح زبان شخص (Orator
(٧) سنت مهاتما گرو ۽ (٨) براهمڻ (رشي سمرڻ، صفحه ٢١٨) سما
ڪلياڻ لاءِ انهن جو دل وَ جان سان ادر ستڪار ڪرڻ گهرجي.

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ۽ تارا ميرچنداڻي کي سندن ڪتاب 'اَدب
جا معيار' (تنقيد) ۽ 'هٺ يوگي' (ناول) تي سنڌ سرڪار جي اداري
سنڌي لئنگويج اَٿارٽي حيدرآباد پاران پنجويه پنجويه هزار روپيه انعا
عطا ڪيو ويو آهي. انعامي جلسي تي ڪلچرل منسٽر محترما شئلا رز
پنهنجي هٿان به پنجويه پنجويه هزار ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي. ڪونج
پريوار پاران کين لک لک واڌايون!

✍ نند ڇڳاڻي
١ جولاءِ ٢٠١۴

معافي نامو

ڪجهه ڏينهن اَڳ بئنڪ مان ڪم ڪار پورو ڪري ٻاهر نڪتس. هڪ
هٿ ۾ ٿيلهي هئي، جنهن ۾ ڪجهه ڪتاب - مگزنس - پريس مئٽر - خط
- بِل - چيڪ-بوڪ وغيره هئا، جيڪي پريس ۾ ڏيڻ لاءِ وڃيس ته پنيان
پنجن ستن شاهينگن گهيرو ڪري عجب ۾ وجهندڙ ڦڙتائيءَ سان ٿيلهي
ڦُري ورتي ۽ ڪک پن تي ويا. مان ڏسندو رهيس. مالي نقصان ته ڪونه
ٿيو. ڪتاب به وري ملي پوندا - پر پريس مئٽر ۽ روچيرام تيرٿداس جي
سنڌ وارن جي اَيڊريسن جي ڊائري گُم ٿيڻ جو ڏک آهي. خبر نٿي پوي
ته ڪهڙو پريس مئٽر گُم ٿيو. پوليس ۾ رپورٽ ڪيل آهي ته من ڪجهه
ملي پوي. ضرور ڪن جا خط - مواد ايندڙ اَنڪن ۾ ڪونه ايندو، ان لاءِ
معافي طلبگار آهيان. (سمپادڪ)

اِئين پڪچر ڏسڻ نہ وچي سگھبو هئو، پر چوريءَ جي ڇُھاوَ ماڻڻ جو سَواد ڪجھہ اَلڳ ئي هوندو آهي.

گوپال کي ننڊ آهي، ننڊاکڙو مان بہ آهيان، اَلائي ڪٿي ڪٿي ٿو وڃي پهچان. ڪنهن ڏڻ وار تي ”گلتاجيءَ“ تي وڃڻ، جئپور جي ماڻهن لاءِ وڏي پُڃ ڪمائڻ جو موقعو مڃيو ويندو آهي. اَسان سنڌي بہ اُنهن سان گڏ وڃي اُهو پُڃ ڪمائي ايندا هئاسين. پويتر جل ۾ اِشنان ڪرڻ سان ديهہ جي ميراڻ لهي ٿي، چل-ڪپٽ جا تَهہَ ڇڊا ٿِٽجي، کي ڏينهن ڪٿي وڃي لڪي ويندا آهن. رام-نام جپڻ سان سُک شانتي سمپتي پراپت ٿيندي آهي. جوان جوانڙيون گدگد پيا ٿيندا آهن، سنسڪاري ٻَڌجي پوندا آهن. پهاڙي هوائن ۾ نشي جو ويگ، آڪاش وڃي ڇُهندو آهي. نشو تہ اَکين جي پلڪڻ ۾ آهي، رنگ اُڏامندا آهن، اَنگُ اَنگُ سڏڙا ڪندو آهي، ميلا مچندا آهن.

گاڏي اَجمير بہ ڇڏي آئي، مان پنهنجن ساهرن ۾ آهيان.

جيجوُ ڪڏهن آيا آهيو ساهري، ساهرا مال وٺي ويا اَٿوَ، هوءَ گوپي بہ جادوگرڻي آهي، اَهڙا ونگ وِڌا اَٿائين مڙس تي، جو هوڪ لٽڪايو پڳو پڳو ٿو اَچي.

پر تون اِئين اَڪيلي، چيٻريءَ وانگر، هتي مدار گيٽ تي ڇو پيئي رُلين؟

اَجمير تہ منهنجو شهر آهي، مونکي کهڙي جهل پل، تون بہ تہ اَڪيلو آهين.

اَڪيلو ڪونهان، هوءَ ڏس، هُن دڪان واري سان پيئي ٿي جُهتِ پِٽ ڪري، اِجها ئي اَچي، پَٽيندءَ چوڻي.

چوڻي تہ هن کي بہ آهي، مان بہ ڪا مُڙڻ واري ڪانهان.

هئي ساهيڙيون لڳي وييون، هڪ هئي کي ڇهنڊڙيون پائڻ ۾.

نصيبن وارا آهيو، پياري سالي بہ پاڻمرادو ملي وئي اَٿوَ، وات ويندي.

هڪ هئي کي ميهڻ پئي ڏنائون.

تہ توهان هئي سٽل سٽي آيون آهيو.

جيئن بہ سمجهين جيجوُ، هاڻي تنهنجو کيسو خالي ڪنديونسين.

هٽئون تہ گهر وساري آيو آهيان.

توهان کان ڪٽڻ وسري ويو تہ توهانجو هٽئون مون کٽي پنهنجي

جئپور اِسٽيشن تان گاڏي هلي آهي، مان جئپور جي سوائي مانسنگ
باغ ۾ اَچي وينو آهيان، وڏو باغ آهي، پکڙيو پيو آهي وڻڪار سان، ڇ
پير ڪٽندي هوءَ بہ اَچي ويئي آهي. ٽارين جي اوٽ ۾ ويٺا هوندا آهيون
اَهڙا ڏينهن هرڪنهن ماڻيا هوندا، ڏاڍا لذيذ، ڪڏهن کسارا ڪڏهن
نمڪين، اَکين جي تلاوَن ۾ تڙڳندا رهندا هئاسين، هٿ لڳائڻ بہ
ڏيندي هئي، منهنجي ڪُلهي تي ڪنڌ رکي سُمهي پوندي هئي، مونکي
ننڊ ٿي اَچي، ڪيترن ڏينهن کان اوجاڳا ڪيا اَٿم.
سانوري ديهہ، سگهارا ٿڻ، مان ڪنهن طلسم جي جهان ۾ هوندو
هوس. ڪيتري ڪيتري دير ننڊ جو بهانو ڪري، گهرا گهرا ساهہ پيئي
ڪٽندي هئي، مان سندس وارن تي هٿ ڦيري، لسڙائيندو رهندو هوس
هڪ سُڪوُن ملندو هئو. هڪ ڏينهن اوچتو چرڪ نڪري ويو، هوُ هڪ
ڏاڙهيءَ وارو سامهون ئي اَچي بيهي رهيو هئو، اَسانکي ڪا خبر ئي
پيئي هئي، هوُ اِئين ايترو ويجهو ڪئن اَچي پهتو هئو، اَسانکي سمڪ ئي
نہ رهي. سوڙها ٿي هڪ ٻئي کي چنبڙي پياسين، پر هوُ ڏاڙهيءَ وارو
ڊيڄاريندڙ اَکين سان اُتي ئي بيٺو رهيو، اَسان پاڻ سنڀاليون، اُن کا
اَڳ هڪ وک اَڳتي بہ وڌي آيو هئو. اَسان همٿ رکي اُٿياسين، بہ ج
هئاسين، ڄڻ اِئين ڇو ڪيو هوندو، ڇا ڏسڻ هليو آيو هئو، پَرندا بہ
اِئين پاڻ ۾ وِندريا پيا هوندا آهن، گُل ڦل بہ تہ اِئين ئي ٽڙندا آهن
اَجان اوندهہ ڪانہ ٿي هئي، آهستي آهستي پير ڪٽندا، پنهنجو دڳ وٺ
هليا آياسين. هوُ اَجان اُتي ئي بيٺو هئو.
گاڏيءَ جي کڙکڙاهٽ جو آواز منهنجي ذهن ۾ شور مچائي رهي
هئو، شور کي بہ تہ ڪو شانت جهڙو شعوُر ٿيندو آهي. ننڊ نٽي آئي، راه
کُٽي نٽي، چل-ڪپٽ جي بلئنڪيٽ ۾ پاڻ کي ويڙهي پئي رهي
هوس. جئپور جو هوا-محل، ان ڪانپوءَ هڪ وڏو دروازو آهي، اَندر گهڻ
وڏو Complex آهي، جئپور رياست جون سڀ آفيسون ان وڏيءَ ايراضيءَ
ڦهليل آهن، ڪجهہ وقت لاءِ مون بہ اُنهن مان ڪنهن آفيس ۾ ڪلارڪ
طور نوڪري ڪئي هئي، پگهار مهيني جي -/40 رپيا. چاليهہ رپيا ٿورا
ڪونہ هئا. هوا-محل واري رستي تي اَڳتي وڌجي تہ اُن ڪاٻي پاسي ئي
رام-نِواس سئنيما هوندي هئي، ساڄي پاسي وارو رستو مُڙي اَڳتي آم
جي قلعي ڏانهن هليو ويندو هئو. هوءَ ۽ مان ان رام-نواس سئنيما
پکچر ڏسڻ بہ ويندا هئاسين، تن ڏينهن، رياستي سيپتا واري دؤر ۾

جنگ، اصول، بحث، رمزون ۽ هوشياريون، ڪيترائي روپ بهروپ، جيئرا جاڳندا، رهنبوڻن سان چيريندڙ ڦاڙيندڙ.

جيجوءَ موچ اَچي ويئي، ڏهُ ٿي ويو، هاڻي مِلڪ - روز پيئار. ٻڪ پلي لهي وڃي، اُڃ تہ وڃڻي ڪانهي، اُڃ ۽ آرزوءَ جيئڻ جي لالسا لاءِ قيمتي زيور آهن. سڀ گڻ - اَوگڻ اُتان ئي آڪار پائن ٿا.

هيءَ سُهڻي گُڏي تہ وڏيون نصيحتون ٿي ڏئي، اَجا ڏوگهيندي، دماغ جاءِ ڪونهيس، وڏو راجڪمار جو هٽ اَچي ويو اَٿس، مٿو ٿيو اَٿس، راڻيءَ مان مهاراڻي بڻجي پيئي آهي، چوندي چوندي مالدار ڪنيو اَٿائين، شڪل جو بہ شهزادو آهي.

شهزادو تہ برابر آهي، پر گوپي تون گوءُ ڪٽي ويئي آهين، جيجوءَ جهڙو مست ملنگ ڪونهي، سونهن کي کهڙو ٿو ڏوئي پيئجي، دل بہ دلدار جهڙي گُهرجي، اَڪين ۾ اَهڙي ڪا اُسات هجي، جو گهورجي وڃجي. تون مال ماري ويئي آهين.

راڻي، اَڃ پنگ تہ ڪانہ پِي آئي آهين، ڇتي ٿي پيئي آهين، زال ذات ڪنهن لڄ شرم ۾ هجي تہ چڱو ٿو لڳي. جواني تہ هرڪنهن ڏني، اَسانجي مائرن بہ ڏني، اَسين بہ ڏسون پيئيون ٿيون.

گوپي مون کان پڪڙيا، اَڄوڪو ڏينهن وري اَچي، نہ بہ اَچي، مان بہ اَلائي ڪٿي هلي وينديس. هنن جو سڄو ڪٽنب ٻاهر ٿو رهي، مونکي بہ اَلائي ڪٿي وٺي وڃي پرديسڻ بڻائيندا.

گاڏي ايوُ روڊ اِسٽيشن تي اَچي بيٺي آهي، ڊاڪٽر اَچي پهتو آهي، سڌو ٿي ويهڻ لاءِ چيائين، بلڊ پريشر چيڪ ڪيائين، نارمل آهي، ڪجهہ بہ تہ ڪونهي، ڇاتيءَ ۽ پٺيءَ تي اسٽيٿيسڪوپ رکي گَهرا ساهہ کڻڻ لاءِ چيائين، هينئر ٺيڪ آهي. سُمهاري ڪاٻي ٽڙي ۾ اِنجيڪشن هنيائين، پنهنجي باڪس مان ٿي تمام سنهڙيون اَڇيون گوريون ڪڍي پاڻيءَ سان ڦڪايائين، سڀ ٺيڪ آهي، باڪس ڪنيائين.

گوپال پويان وڃي، ڪيس پئمينٽ ڪري آيو. اَسانکي آٿت ٿيو تہ ٺڪ سان مسافري پوري ڪري آيا آهيون، چڱا سرها هئاسين. ڊاڪٽر جي وهنوارَ اَسانجا سڀ وِسوِسا دوُر ڪري ڇڏيا. مان پاسو ورائي سُمهي پيس، ننڊ اَچي ويئي.

دادا، چانهہ پيئو، صبح ٿيو آهي، چانهہ اَچي ويئي آهي، توهان رات کان ڪجهہ بہ کاڌو ڪونهي، بسڪيٽ بہ آهي.

پرس (Purse) ۾ وڌو، هاڻي ڇا ويچار آئي، هيءَ ڇيڳري توهانک
ڇڏيندي.

مونکي کهڙي ڪَسُ لڳندي، اَڄ توهان ٻنهي کي موڄ ڪرائيندس.
جيجوُ، موڄ ڪرائيندا يا موڄ وٺندا.

اُها تہ تنهنجي مرضي، جيجوُ جيجوُ چوڻ ۾ ٻوري، ڀاڪي
ڪڏهن ڀاتي ڪانہ آئي.

ڀاڪي ڀاءُ، ٻيو بہ ڪجهہ ڪر، جيجوُ مان تہ توتي مفتون آهيان.

هاڻي بس ڪر ڇوري، وڃي ٿي اُگهاڙي ٿيندي.

راڻيءَ جو ٻوٽ سُڄي ويو، مان تہ وڃان ٿي.

گوپيءَ ڪٽي ٻانهن کان پڪڙيس، وڃين ڪيڏانهن ٿي، چاڀ چولا
کائون.

مان تہ ٻہ کائيندس، توهان مونکي ڏڙڪا ٿا ڏيو.

ڇوريءَ جا ڏانوَ تہ ڏس، ڪِلڻ ۾ پئجي وياسين.

هُن وڏيءَ ڪئبن جي مٿئين ماڙيءَ ۾ هلي ٿا ويهون، هينئر خال
آهي، هونئن ڀري ڀيئي هوندي آهي.

گاڏي ڊوڙي رهي آهي، A.C. Coach ۾ اَيمان جي وسترن ۾ وڙه
آهيان، بلئنڪيٽ ۾ بہ ڪڏهن ٿڌ اَچي ٿي ورائي، ڪروڌ جو زهر نَسن
ڊوڙڻ ٿو لڳي تہ گرمي ٿي مُنجهائي. جيڪر Bath-Room مان ٿي اَچا
هن ٻڍاپي ۾ سوين روڳ اَچي لڳا آهن، گوپال کي اُٿاريان، اَلائي جا
ٿو، پاسو تہ بدلايائين. هن کان اَڳ ٻہ دفعا ٿي آيو آهيان، گوپال ولي
هلي.

گوپال،

ها، دادا چئو،

ڪٿي ڀهتا آهيون، باٿ-روم جو خيال ٿو ٿئي، ڇا ڪيان، اَڪيلو
نہ وڃي سگهندس، ننڊ نٿي اَچي تہ پيشاب ٿو اَچي. هلو، ٿي ٿا اَچو
مارواڙ اَچڻ وارو هوندو، مون بندوبست ڪري ڇڏيو آهي، آبوُ
اِسٽيشن تي ڊاڪٽر اَچي توهانکي ڏسي ويندو، ڊاڪٽر ڪا تہ ص
ڏيندو، ضرور ڪا دوا بہ ڏيندو، آرام اَچي ويندو.

پيشاب ڪري اَچي سُمهيو آهيان، پاڻ کي حقارت جي بلئنڪيٽ
ليٽي.

ٻورو جيون هڪ وڏي تحريڪ رهي، هڪ ڪڏهن بہ نہ ٻوري ٿي

کهاڻي- ”ڏيڍ ڳنڍ“

✍ واسديو موهي

اُديہ ٽيلهو ڇڻ ٽيبل تي ڦِٽو ڪيو، ۽ بنا ڪجهہ چوڻ جي روم ۾ هليو ويو. سُلپا کي عجب لڳو. اُديہ سليقي وارو ڇوڪر آهي، پنهنجيون شيون سنڀال سان ڪٽندو آهي، رکندو آهي. اِسڪول مان اَچي لنچ باڪس بئگ مان ڪڍي، ڪِچن جي سِنڪ ۾ وجهي رکندو آهي، پوءِ ئي روم ۾ ويندو آهي. پنهنجي عمر کان وڏو لڳندو آهي، چُپ چُپ رهندو آهي، اِها ڳالهہ بہ سُلپا توڙي چندرڪانت ٻنهي کي ڪجهہ ڪجهہ پريشان ڪندي آهي، ڇو، آخر اُدوُ اِئين ڇو آهي، ڇو پنهنجي عمر جي ٻين ٻارن وانگر هو چنچل، چلولو ڪونهي! پاسي واري منجُلا جو اَنوُ تہ اِسڪول مان اَچي سڄي ڏينهن جي رَنِنگ ڪامينٽري ڏيندو آهي، موٽوءَ، ڇوٽوءَ کي ٽيلهو ڏنو، اِنگلش ٽيچر ڦٽ ڦٽ ڳالهائيندي آهي، اَڄ noun سيکارڻ کان اَڳ اِنٽريسٽنگ ڪهاڻي ٻڌايائين، ڏاڍي سٺي آهي، هِسٽري ٽيچر هِٽلر آهي، هٿ ۾ هميشه روُلر کڻي ڪلاس ۾ چڪر ڪاٽيندي آهي، پاڻ ئي ٻڌايو هئائين، هِٽلر ڏاڍو ظالم هو. سُلپا سوچيندي رهي، ٻيا ٻار سڄو سڄو ڏينهن ڪارٽون پيا ڏسن، ۽ اُدوُ آهي جو ٽي.وي. ڏسڻ جي ئي ڪونہ ڪندو آهي، ڏسي بہ تہ فقط ريئلِٽي شوز. ڪارٽون، سيريئل تہ دور اِسپائيڊر مئن، هئري پاٽر جهڙيون فلمون بہ ڪونہ ڏسندو آهي، عجيب ڇوڪرو آهي، اُدوُ. پر هن طرح تہ ڪڏهن Behave ڪونہ ڪيو اَٿس. سُلپا جي نظر بئگ جي ٻاهرئين پاڪيٽ ۾ پيل لنچ باڪس تي پيئي. باڪس ڪڍي ٿي، روم ۾ وڃي ٿي.

اُدوُ، ڇو اَڄ اِسڪول ۾ ڪجهہ کاڌءِ ڪونہ! لنچ باڪس پئڪ ئي پيو آهي! طبيعت ٺيڪ آهي نہ، بيٽا! پلنگ جي ڪُنڊ کان ويهي، سُلپا پنهنجي ساڙهيءَ جي ڪُنڊ سان اُديہ جي مُنهن جو پسينو اُگهيو، اُٿي اي.سي. آن ڪئي.

اُديہ ڪو جواب ڪونہ ڏنو. سُلپا اُديہ جي مٿي تي هٿ رکي چنتا جي سُر ۾ پڇيو : ڇا ٿيو آهي، بيٽا؟ اِسڪول ۾ مئم ڪجهہ چيو ڇا؟ ڇا ڳالهہ آهي؟ ڪجهہ کاڌو بہ ڪونہ اَٿئي!

ٻُڪ ڪانہ لڳي. اُديہ منهن پٺ پاسي ڪري ڇڏيو. ٺيڪ آهي، مان

گوپال، گوريون به وٺيون آهن، رات به ڪونه ورتم، دهلي اِسٽيش
تي ڪا سُڌ ئي نه رهي، تو هنڌ وِڇايو، مان سمهي رهيس، اهي گوريون
روز جون آهن، روز وٺيون آهن.

دادا، ڪهڙن خيالن ۾ آهيو، بسڪيٽ کائو، توهان ڪلهه ڪا
پريشان آهيو، ڪجهه پُڇڻو اٿوَ. ٽيون ڏينهن دهليءَ ۾ به توهان پاڻ سا
ڪونه هئا، ڪنهن ٻئي هنڌ هئا، توهانکي ڇا ٿيو آهي، هيءَ ته دنيا
دنياداري آهي، سڀ هلي پيو.

گوپال ڏانهن نهاريان ٿو، ڪجهه گهبرايل آهي، اِئين ويچارن ۾
آهي، ضمير ته ضمير آهي. هوُ ڄاڻي ٿو، مان ڇو پريشان آهيان، منهنجي
من ۾ ڇا آهي. هڪ خوددار شخص، جيڪو پاڻ کي اَڄ جا وهنوا
سمجهائي، پاڻ کي ڪٿي لڪائي رکڻ جا بهانا ڳولهي رهيو آهي. ڇل
ڪپٽ گڏ هوندا آهن، پريشان ڪير آهي، ضمير ته ڏاهو ٻار آهي.

دهليءَ ۾ اهو سڀ صاف ته هئو. هڪ ٽيبل تي ويهي مان
کائيندي، ڇل-ڪپٽ جي نظرن، منهنجي اَکر اَکر ڏي نهاريو پئي
جڏهن ٻيو هڪ دوست مون کان پڇ پڇ ڪري، ڪجهه ڳولهي ڦولهي ره
هئو.

دادا، چانهه ٿڌي پيئي ٿئي، بسڪيٽ کائي گوريون ته وٺو.

ها، گوپال گوريون ڳولهي رهيو آهيان.

دادا، هاڻي آهلي پئو، اَڃا سويل آهي، هڪ ننڊ جو جهوٽو ماڻي وٺو

بلئنڪيٽ وِڇي سمهيو پيو آهيان، سڄي رات، ڪن ڪن، پل پل
حياتيءَ جي سٺ سالن جي ساهتڪ سفر کي وري جهاڳيو اٿم.

گاڏي مهساڻا به ڇڏي آئي آهي. صبح جي روشني اَحمدآباد ڏانه
وڌي وڃي رهي آهي.

دادا، گهر فون ڪري، ڪار گُهرائي ٿا وٺون، ٻار ڪار ڪٿي ايند
سهوليت ٿي پوندي، اَحمدآباد اِسٽيشن تي ويل-چيئر جو به بندوبس
ڪري اَڇن، ٻارن کي سمجهائي ٿا ڇڏيون. توهان هاڻي پنڌ ڪٿي ها
سگهندا.

ڪونہ ٿو لڳي. اُديہ جي ڳلن کي سَهلايو. اَکين جي ڪنڊ وٽ سُڪل ڳوڙهن جا اَڃا نشان اُڀريا. بلئنڪيٽ پيرن تان کڻي هن اُديہ جي ڇاتيءَ تائين آڻي هن جي ٻانهن سِڌي ڪئي. ٻانهن کي ٿپ ٿپايو. هن کي ٻانهن تي ڪارن اَکرن ۾ ڪجهہ لکيل نظر آيو - Bastard - باسٽرڊ! هن کي عجب لڳو، اِهو وري ڪنهن لکيو هوندو! هن شلپا طرف ڏٺو، سُلپا بہ لفظ پڙهي واڻڙي هئي. هيءُ لفظ ٻانهن تي ڪٿان آيو، ڪنهن لکيو هوندو! چندرڪانت ۽ سُلپا کي سمجهڻ ۾ دير ڪانہ لڳي تہ پڪ ٿي پڪ اِسڪول ۾ ئي ڪنهن اِها حرڪت ڪئي آهي ۽ اُديہ اِنڪري ئي ڊِسٽربڊ آهي. پر آخر ڪنهن؟ ۽ ڇو؟ اُديہ ۽ باسٽرڊ! رَبش!

WhatsApp جي رِنگ اَلرٽ وڳي. بمبئيءَ مان جِگنيش جو وائس ميسيج هو. سڀ اوٽيءِ هلون جو ڇئي رهيو هو. چندرڪانت Whatsapp تي جواب نہ ڏيئي سِڌو فون لڳايو. ها جِگنيش بيٽا، اوچتو اوٽيءَ جو پروگرام ڪٿان ٺاهيو اَٿئي! بس اِئين ئي، سوچيم، هيترا سال ٿي ويا آهن، پر ڪڏهن گڏ گُهمڻ جو پروگرام ٺهيو ئي ڪونهي، ڪوملا کي بہ ڇيو اَٿم، پر هوءَ بهانا پيئي ٻڌائي، مونکي مهيني جي اَندر سِڊني واپس وڃڻو آهي، وري اَلائي ڪڏهن ڪوملا جي فئمليءَ سان گُهمڻ جو موقعو ملي، توهان ۽ سُلپا آنٽي بہ تہ سالن کان ڪيڏانهن نڪتا ڪونہ آهيو. سوچيم ڪجهہ ڏينهن سُلپا آنٽيءَ ۽ اُديہ سان بہ گذاري سگهبا. اُديہ کي تڏهن ڏٺو هوم جڏهن اَڃا گود ۾ ڪپڙا خراب ڪندو هو. هاڻي تہ ... بيٽا، آئڊيا تہ سُٺي آهي، سُلپا کان پُڇان ٿو، سندس لاڏلو شِوا بہ هلي تہ سٺو. ڏسون ٿا، پوءِ ڳالهائينداسين چئي چندرڪانت فون ڪٽيو. هن نِرڙ جي گُهنجن تي هٿ ڦيريو، هن کي لڳو تہ گُهنج ڪجهہ وڌيڪ آهن. سُلپا چانهہ - ٽوسٽ کڻي آئي. ٻنهي چانهہ تي ڪجهہ نہ ڳالهايو. پر هنن جي اَندر ۾ گهڻو ڪجهہ هلي رهيو هو.

سُلپا کي نوَ سال اَڳ جون ڳالهيون ياد آيون، سيڻَ اَکين آڏو اَچي ويا. ڪوملا جي ضد جي ڪري ئي هوءَ اَحمدآباد آئي هئي. ڪوملا جو ئي ضد هو، مَم، ڪيترو وقت اَڪيلي گذاريندينءَ، پنجاهہ کان بہ ننڍي آهين، صحت ٺيڪ اَٿئي، ڪنهن جو ساٿ هوندءِ تہ خوش رهندينءَ. شِوا جي خبر اَٿئي، توسان ڪونہ رهندو، نہ توکي گڏ رهائيندو، پاپيءَ جي شپاءَ جي خبر اَٿس، پلي چوي اِئين تہ منهنجي ٽرانسفربل جاب آهي، مَم ڪٿي پيئي روز روز گهر مٽائيندي، حيران ٿي ويندي، بئنگلور ۾ سُکي ويٺي آهي، سڀ سهوليتون تہ اَٿس. ها، سڀ سهوليتون حاضر آهن، ڪائيندڙ اَڪيلائيءَ سان. سُلپا ڪِلي پوندي هئي، مان

تنهنجي لاءِ جوس کڻي ٿي اَچان. نه، مونکي ڪجهه ضرورت ڪانهي. ننڊ ٿي اَچي. اوڪي، تون آرام ڪر. سُلپا بلئنڪيٽ اُديه جي پيرن تي اوڍائي ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي، پر پريشان رهي. هن چندرڪانت کي فون لڳايو. هن جو سيل وڃي وڃي بند ٿي ويو. هن WhatsApp تي کيس وائس ميسيج موڪليو : جلدي مونکي فون ڪريو. چندرڪانت جو ترت ٽيڪسٽ ميسيج آيو، ميٽنگ ۾ آهيان، فرِي ٿي ڳالهايان ٿو.

سُلپا اُديه جي بئگ مان ڊائري ڪڍي، ڪٿي ڪنهن ٽيچر جي ڪا ڪمپلينٽ ته ڪانهي، ڊائريءَ جي پئرينٽ-ٽيچر ڪميونيڪيشن واري پيج تي صرف جنرل رمارڪس هئا، ڪمپلينٽ جهڙو ڪجهه ڪونه هو. سُلپا چندرڪانت کي هڪ ڀيرو وري فون لڳايو پر جلدي ڪٽي ڇڏيو، ميٽنگ ۾ اَجايو پريشان ٿيندو. سُلپا جو سيل وڄڻ لڳو، هن تڪڙ ۾ کنيو، ڄاڻائين چندرڪانت جو نه، ڪوملا جو فون هو.

هيلو، ڪئن آهين بيٽا!

هڪدم فِٽ، توهان ڪئن آهيو، هڪ نيوز شيئر ڪرڻي آهي، مَم، اَسانکي جلد ئي نيويارڪ واپس وڃڻو پوندو، چِدانند کي ڪمپني وارن ترت ڊيوٽيءَ تي اَچڻ لاءِ ايس.ايم.ايس. ۽ ميل ڪئي آهي، ليِو جا باقي ڏينهن پوءِ ائڊجسٽ ڪندا، ڪا اِمرجنسي آهي.

پر تنهنجي ليِو ته اَجا باقي آهي، تون پوءِ به وڃي ٿي سگهين.

ها، بَٽ سوچيان ٿي مان به چِدانند سان گڏ ئي هلي وڃان.

دئٽ اِز ناٽ گُڊ، توسان ويهي ڳالهيون ڪرڻ کان ته سِڪي ويئي آهيان. پر وڃڻ کان اَڳ ڪجهه ڏينهن اَحمدآباد ايندا نه!

مشڪل آهي، مَم، تنهن ڪانسواءِ پروميلا کي به 'ڪيم ڇو، آوجو' سوٽ نئو ڪري، هتي پاپا کي 'دادا، دادا' چوندي ٿڪبي ڪانهي، پاپا به سڄو ڏينهن پيو گُهمائيس، پر اُتي اَجا ايترو ائڊجسٽ ڪانه ٿي سگهي آهي. اَجا ته ڏه به پورا ڪونه ڪيا اَٿس، پر نخرا وڏي ويا اَٿس. مسٽر چندرڪانت ڪئن آهن؟

سيل تي ٻئي فون جو ٽون ٻڌي سُلپا تڪڙ ۾ 'ٺيڪ آهن، بيٽا پوءِ ڳالهايون ٿا' چئي ڪوملا کي باءِ چيو ۽ سيل ڏٺو. چندرڪانت جو ئي مِسڊ ڪال هو. هن فون لڳايو.

چندرڪانت، سُلپا سان گڏ ئي اُديه جي ڪمري ۾ آيو. اُديه کي ننڊ اَچي ويئي هئي. چندرڪانت هن جي مٿي تي هٿ رکيو. نه، بخار ته

آسٽريليا ۾ ويل سيٽلڊ، پُٽ کي بمبئيءَ ۾ الڳ فليٽ، خود پرائيويٽ ڪمپنيءَ ۾ مئنيجر، سُٺي پگهار، پنهنجو گهر، اپيئرنس اَپيلنگ، دلڪش وغيره، وغيره، عمر اِئين تہ سٺ پار هئس، پر گهاٽن ڪارن وارن جي ڪري عمر کان ننڍو پئي لڳو. ڏاءِ سٺي ڪم آندل اَٿس، ڪوملا کِلي مَم کي چيو. سُلپا ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو هو. احمدآباد ۾ ئي ٻہ ڏينهن گُهميا ڦِريا، چندرڪانت جي گهر بہ ويا، آسٽريليا ۾ هن جي پٽ جگنيش سان ڳالهائڻ ٿيو، هو بہ ڪوملا جهڙي سوچ جو هو تہ ڊئڊيءَ کي اڪيلو نہ رهڻ گهرجي. طئہ ٿيو، شادي نہ ڪندا، گڏ رهندا، سنهنڊ ۾ ڏيڍ ڳنڍ رهندي، سات-سَهواس راس نہ آيو، تہ هلڪي ڪينچ سان ڳنڍ کُلي ويندي، بس، آزادا احمدآباد ۾ ئي رهندا، چندرڪانت جي گهر. ٿوري ئي وقت ۾، ٻنهي کي لڳو هو، لائيف سچ پچ اِنڊلٽ آهي. جگنيش، مهيني ڪانپوءِ اچي سگهيو هو، ڊئڊيءَ کي خوش ڏسي بيحد خوش ٿيو هو. ڪوملا - چدانند، جگنيش ۽ هن جي وائيف اَرچنا WhatsApp تي جُڙي ويا، روز ڳالهائڻ ٿي ويندو هو، جوڪس جي ڏي-وٺ ٿيندي رهندي هئي، ٽهڪ گونجندا رهندا هئا. سال اَندر ئي اُديہ ڄائو هو. جُڙاءُ وڌيڪ مضبوط ٿي ويو. بس، شِوا ۽ وسنتا ٿورو اُکڙيل لڳندا هئا، صرف ڪڏهن هاءِ هيلو تائين محدود، حالانڪ، سُلپا هنن سان ضرور WhatsApp تي اَئڪٽِو هئي، هنن جي ٻي رُخيءَ باوجود.

چندرڪانت سوچيندو رهيو، آخر اِسڪول ۾ اَهڙو ڪير هوندو جنهنکي ايتري بخيلي لڳي آهي جو مورڳو اُديہ جي ٻانهن تي 'باسٽرڊ' جهڙو اُگرو لفظ لکي ڇڏيو اَٿس. هو حد غصي ۾ ڀَڪي رهيو هو، هن جي دل ٿي هينئر ئي اِسڪول وڃي اِن ڳالهہ جي هڪ هڪاٽي ڪريان، پر اِسڪول تہ هينئر بند ٿي چڪو هوندو. اُديہ وٽ روم ۾ وري ويو، اُديہ جون اَکيون بند هيون.

اُدوُ بيٽا!

اُديہ اَکيون کوليون. چُپ هو. چندرڪانت هن کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. اُديہ سُڏڪڻ لڳو. پا، اُميش جو پاءُ ... هو وڌيڪ چئي نہ سگهيو، سُڏڪندو رهيو. سُلپا آئي، اُديہ جي مٿي تي هٿ ڦيريائين. چندرڪانت ڪافي دير تائين اُديہ کي ڳلي سان لڳائي رکيو. اُديہ جو سُڏڪڻ ڍرو ٿيو.

اُديہ جو پي.ٽي. پيريئڊ ۾ ڪلاسميٽ اُميش سان راند ڪندي جهڳڙو ٿيو هو، اُديہ هن کي ڌڪو ڏنو تہ هن جي ٽونٽ رهڙجي ويئي، هو روئڻ لڳو هو، اُديہ هن کي اُٿارڻ جي ڪئي تہ هن اُديہ کي ٺيلهو ڏيئي ڪيرايو هو. ڳالهہ بس ايتري هئي، پر اِسڪول ڇٽڻ ڪانپوءِ وڏو تماشو ٿي پيو.

ڪٿي اَڪيلي آهيان، تون آهين، شِوا آهي، وَسنتا آهي، سهڻي سُلي نُنهن
ڏاڏي تي ويل پوٽو آشيان آهي، مونکي ڇا جي اَڪيلائي، تنهنجي ڊئڊ جو
يادگيريون به ته گڏ آهن!

ها، سڀ آهن، پر ڪير به گڏ ڪونهي، فِزيڪلي. اَسين ته فارين ۾
آهيون، ورنه پاڻ سان ئي توکي رهايون. توکي پاڻ لاءِ سوچڻ گهرجي،
اؤکيءَ سوکيءَ ۾ ڪير ساٿ ۾ آهي ته لائيف جوُسي ٿي ويندي، اِهو خيال
ئي ته ڪير اَسان سان گڏ آهي، پنهنجو پاڻ ۾ سُک جو، پريو پاڇيو هئڻ
جو، سلامتيءَ جو فيل ٿو ڏئي، اَئنڊ ماءِ لَونگ مَم، آميريڪا ۾ ته ريئل
لائيف اِسٽارٽس آفٽر فارٽي فائيوَ - فِفٽي. ۽ منهنجي پياري مَم مونکي
ته هيو به ڊپ لڳندو آهي، توکي اِئين ئي ڪير ڀڄائي نه وڃي!

شٽ اَپ، بيشرم!

اَڙي مَم توکي ڪهڙي خبر ته تون اَڄ به ڇا ٿي لڳين! سُليا، ڪوملا ڪي
ڇُهنڊڙي پائي، شرمائجي ڪِلي پيئي هئي. اِهو سلسلو ڪيترو وقت هلندو رهيو
ڪوملا جو زور ڀرڻ ۽ سُليا جو ڪِلي ٽاري ڇڏڻ. پر ڪوملا اِسٽرانگلي چاهيو ٿي
ته مَم ڪي هن عمر ۾ اَڪيلو نه رهڻ گهرجي. ڪو نه ڪو هن جي ساٿ ۾ هجي،
جو هن جي ڪيئر ڪري، هن جي اِموشنس کي سمجهي، اُنهن جو مانُ ڪري
هن کي نئين سر گهر وسائڻ گهرجي. وسنتا جڏهن گهر وسائڻ جي ڳالهه ٻُڌي
هئي ته آڀي ڪان نڪري ويئي هئي، هاڻي ٻُڌن کي به سيڪي ڪيپي، ٻُڌڻ وي
وسري، لُڏڻ پيو ياد. هيڏو سارو فلئٽ آهي، هيترا فند آهن، پراپرٽي آهي
ٻُڌي سڀ ڦُرائي پوءِ سانت ٿيندي، اَسانجو به حق وڃائيندي، اَڇي اَسان جي
سِر ملان پوندي. شِوا چُپ رهيو هو، وسنتا جي ڳالهه جي ڇڻ پنيرائي ڪيائين
پر ڪوملا اَٽل هئي، سُليا کي مڃائي ورتائين. فلائيٽ ۾، اَحمدآباد گڏ آئي
هئي.

ڪنهن وائيس پريزيڊنٽ هوٽل ۾ روم مليو هو. ٻئي ڏينهن ڪوملا ئي 'و
موٽيه اَموٽيه سيوا' سنسٿا ۾ وٺي هلي هئي، جتي ڪافي عمر چڙهيل مرد عورتو
آيل هئا. سنسٿا جو مقصد هو ته وڏي عمر جا مرد عورتون پنهنجي پسند جو ڪ
ساٿي ڳولهين، جئن عمر جا پڇل سال خوشيءَ سان گذاري سگهن، اَڪيلا
رهن. مرد، عورتون هڪ ٻئي سان ڳالهائي ٻولهائي رهيا هئا، ڪِلي به رهيا هئا ت
ڇهري تي گنڀيرتا پڻ هُئن. سُليا ڪجهه عجيب عجيب محسوس ڪري ره
هئي، پر ڪوملا جي همت داد لائق هئي، هن ئي چندرڪانت پَٽيل کي ڳولهي
بايو ديتا ڏني، به سال اَڳ زال گذاري ويل، هڪڙو ئي پُٽ جِگنيش، ڇادي هد

زور سان پڪڙي، سُليا ڀريون ڀيرو، ڪجھ چبو. چندرڪانت پيپر ويٽ ڇڏي ڏنو.

مئڊم، ڳالھ قانون جي ڪانهي، سماج جي آهي.

ڪنهن چيو، سماج قانون کان مٿي آهي، چندرڪانت بيحد غصي ۾ هو.

ٻانڻ پلي نه مڃيون، پر سماجُ اَهڙين سهوليتن کي ڪٽي ٿو مڃي، قانون مڃي نه مڃي، توهانکي خود سوچڻ گهرجي، قانون وٽ ڪي چوڪون هونديون، پر سماج جون پنهنجيون مرياداڻون آهن، دائرا آهن. مسز شاھ بلڪل شانت چِت هئي.

پر ... سُليا ڪجھ چوي اُن کان اَڳ ئي مسز شاھ صلاح ڏني، توهان پڙهيل ڳڙهيل آهيو، سماج جي ڪن مقرر نيتين-نيمن جو توهانکي پالڻ ڪرڻ گهرجي، ڀارت اَجا يورپ-آميريڪا ڪونه ٿيو آهي، بهتر آهي، شادي ڪري سماج ۾ اُٿندڙ غيرضروري پرابلمس کي سارٽ آئوٽ ڪريو. مس اُجلا ايڪسڪيوز مي چئي مسز شاھ کان ڪلاس ۾ وڃڻ جي اِجازت گُهري. مسز شاھ هن کي وڃڻ جو اِشارو ڪيو ۽ ٽيبل جي ڪارنر تان هڪ پاري فائيل کنيو، معاف ڪجو، پر منهنجي صلاح تي غور ڪجو، توهانجي ۽ توهانجي وارڊ (اُديه) جي اِن ۾ ئي ڀلائي آهي. چندرڪانت ۽ سُليا کي اُٿڻو پيو. چندرڪانت پنهنجي غصي تي ڪجھ ڪنٽرول ڪري چُڪو هو.

سُليا ۽ چندرڪانت آفيس کان ٻاهر نڪتا. اُدوءِ جي ڪلاس وٽان لنگهيا، چندرڪانت سوچيو هن سان ملندا هلون، سُليا منع ڪئي، نه ڪلاس کي ڊِسٽرب نه ڪريو، گهر ايندو، ملنداسين. ڪار ۾ وِهندي چندرڪانت ڪجھ سوچيندي چيو، شادي ڪري ٿا وٺون، ڪهڙو فرق پوندو. سُليا چپ رهي. گهر تائين ڊرائيو ڪندي چندرڪانت به چپ رهيو. ڪار مان لهندي هن پڇيو، ڇا سوچيئه؟ سُليا پرس مان چاٻي ڪڍندي دروازي طرف وڌي.

نه، شادي نه ڪنداسين، اُدوءُ اَسانجو پٽ آهي، هن کي جائز ٺهرائڻ لاءِ اَسانکي شاديءَ جي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت ڪانهي.

نائين درجي ۾ پڙهندڙ اُميش جي پاءُ اُديه کي نه صرف چمات هڻي پر باسٽرڊ به چيو، اُديه هن کي مُڪ اُلاري ته هن اُديه جو هٿ پڪڙي موڙي ڇڏيو، زور زور سان باسٽرڊ به چوندو رهيو، هن جا پيا دوست به گهيرو ناهي باسٽرڊ، باسٽرڊ چوندا رهيا، اِنهيءَ وچ ۾ اُميش جي پاءُ مارڪر سان اُديه جي ٻانهن تي Bastard لکيو. سڀ ڇوڪرا هن جي چوڌاري ڪِلندا رهيا. پريان کان ڪلاس ٽيچر مِس اُجلا کي ايندو ڏٺائون ته ڀڄي ويا. اُديه روئندي روئندي پنهنجي ٽيچر کي ٻانهن ڏيکاري ته هن ڪجهه نه چيو، صرف مُرڪي پيئي 'Be quiet boy, go home' ايترو ئي چيائين.

چندرڪانت کي ڏاڍو غصو لڳو. ٻارن جو Behaviour پنهنجي جڳهه تي، پر هڪ ٽيچر جو مُرڪڻ معنيٰ ٻارن جي هلت کي صحيح ٺهرائڻ، هو هن ٽيچر کي نه ڇڏيندو، هن کي ساري فيل ڪرائيندو، هن کي معافي ته وٺڻي پوندي. اِسڪول جا ڪي Bully ڪُلي عام اِسڪول جي ٻار کي 'حرامزادو' سڏين ۽ اِسڪول ٽيچر هنن کي سزا ڏيڻ بدران صرف مُرڪي، اِهو ڪيئن ٿو برداشت ڪري سگهجي، هن جي ته گنهير ڪمپلينٽ ٿيڻ ئي کپي! چندرڪانت جو مُنهن لال ٿي ويو هو. شُلپا هن کي شانت رهڻ لاءِ چيو، سُڀاڻي اِسڪول هلون ٿا نه، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو، اُديه به اِموشنلي سيٽل ٿي ويندو، چنتا نه ڪريو.

اِسڪول ۾ اُميد جي اُبتڙ ٿيو. ڳالهه سَنوَرڻ بجاءِ پيو ئي بگڙجندي لڳي. پرنسيپال مِسز آپا شاهه کي ڪمپلينٽ ئي عجيب لڳي. اُديه کي ٻين ٻارن آخر باسٽرڊ چيو ڇو، اُن جو جواب ته ضرور توهان وٽ ئي هوندو. چندرڪانت غصي ٿي ويو، هن مِس اُجلا کي ڪوٺائڻ لاءِ چيو، مسز شاهه بزِي هئي، پر چندرڪانت کي شانت ڪرڻ لاءِ هن مِس اُجلا کي ڪوٺايو، هوءَ تڪڙ ۾ هئي، ڪلاس ڇڏي آئي هئي، چندرڪانت هن جي ڪلهه واري هلت دهرائي، هن تي ڇوهه چنڊڻ شروع ڪيا ته مسز شاهه هن کي چپ رهڻ لاءِ چيو ۽ مِس اُجلا کان حقيقت پُڇِي.

مئم، اُديه هنن جو سنُ آهي، پر هنن شادي نه ڪئي آهي، هاڻي بنا شاديءَ جي ڄاول ٻار کي ڪير ڇا چوندو، اِهو ته هرڪو ڄاڻي ٿو مِسٽر پٽيل جو غصو بيڪا آهي. چندرڪانت ٽيبل تي پيل پيپر ويٽ کي مضبوطيءَ سان هٿ ۾ پڪڙيو، شايد پنهنجي غصي کي قابو ۾ رکڻ لاءِ.

پر اُسانجو ڳڏ رهڻ غيرقانوني ڪونهي، چندرڪانت جي ٻانهن کي

''آسان جهڙو سَتي جَتيِ کو مشکل هوندو.''

هنن وري هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو.

ٽنهي جي ڪُلهن تي بغل ٿيلها لٽڪيل هئا. ڪپڙن جو هڪ هڪ وڳو ۽ روزمره جي واهپي جو ضروري سامان پيل هون. هڪ ڄڻي پيسن جو رومال بغل ٿيلهي ۾ وِڌو ۽ ٽيئي رستي جي ڪناري انڊرگرائونڊ ٽائليٽ ۾ گهڙيا. ڏاڪا هي هوُ جيئن هيٺ لٿا ته ڏپ جو تيزابي ڀڪو هنن کي گهيري ويو.

''سالا ماڻهو ڪيڏو نه هنگڻ مُتڻ ٿا!'' هڪ ڄڻي هٿ سان نڪ دٻائي ڇيو.

''ڪائين به چا چا ٿا!''

''ڍير سارو ڪائين ٿا، ڍير سارو لاهين ٿا.''

''پر هيڏي بانس!''

''تون پستا بادام ڪائيندين پوءِ به تنهنجي ٽوري مان خوشبوءِ نه يندي.''

''ٽورو شيءِ ئي اهڙي آهي.''

پيشاب تي هنن ٿيڻو وقت لڳايو. جي پري مُتيائون ۽ خوب راحت حسوس ڪيائون. ٽائليٽ مان ٻاهر نڪري هنن هڪ سگريٽ جو ئڪيٽ ورتو ۽ پرسان ئي هڪ باغيچي ۾ گهڙيا. ڏنڌلي روشنيءَ سان ٽانيل هڪ بينچ تي وچي هوُ ويٺا. سگريٽ دُکائي ٽڪڙا ٽڪڙا ڪش ڻيائون. ڪَرَ موڙيائون ۽ بينچ تي پسري ويٺا. ٿَڪُ ڀڃي هوُ پيسا ڳڻڻ ڳا. ست سوُ پنجهٺ هئا.

''آسانجي زندگيءَ جي ڀهرين ڪمائي.''

هنن پيسا اکين تي رکيا.

''ڪيڏي نه مشقت ڪرڻي پيئي!''

''هن يار کي داد ڏي جو جڏهن صفا ٻُڪ ٿي مئاسين ته هن عين قت تي نه صرف هيءَ انڪل سُجهائي بلڪ پورا ست اُٺ ڪلاڪ مري يڪاريائين.''

''سپاڻي توکي مري ڏيکارڻو آهي.''

''۽ پرهين موڪي. پر ماڻهن مان ڪنهن سُڃاڻي ورتو ته؟''

''هيڏو وڏو شهر آهي. وري شهر جي ٻئي چيڙي تي، ٽئين چيڙي ي، چوٿين چيڙي تي. ۽ پوءِ ڪو هيو شهر، ٽيون شهر، چوٿون شهر ... شهر تا آهن چا!''

كهاڻي-

”ڪِريا ڪَرم“

✍ ايشور ڀارتي

شهر جي وهندڙ مکيه سڙڪ تي اَچانڪ ٻن نوجوانن جو روڇ راڙو پکڙجي ويو. وانهڙن ۽ واهڻ ڇالڪن چرڪي هنن ڏانهن نهاريو. هڪ ڪٽل ۽ جهوني پراڻي چادر سان ڍڪيل هڪ نوجوان جي لاش وٽ ويهي هوُ ماتم مچائي رهيا هئا. لاش جو منهن ڪليل رکيل هو. فٽ-پاٿ تي لاش وٽ ماڻهو مِڙي ويا. سِڪن ۽ نوٽن جي بوڇار ٿي ويئي، لاش جي ڪرياڪرم لاء. ماڻهو لاش تي ديا ڀاوَ جي نظر وجهندا ڪجهه سِڪا يا نوٽ ڦٽي ڪندا هلندا ٿي ويا. سنجها ٿيندي ٿيندي ٻنهي نوجوانن اَندازو لڳايو ته پنج ڇهه سؤ ته پڪ ئي پڪ ٿي ويا هوندا.

”ڪرياڪرم جيترا ته پئسا گڏ ٿي ويا آهن. هاڻ ڦٽون هِتان!“ هڪ نوجوان ٻئي نوجوان کي اَک ڀڃي.

ڪرياڪرم لفظ ٻُڌي اُن نوجوان کي کِل اَچي ويئي.

”حرامي، کِلُ ٻِلُ نه. ڪنهن ڏسي ورتو ته ماڻهو کِل لاهي ڇڏيندا.“ نوجوان پنهنجي ساٿيءَ کي ڇڙٻيو.

هوُ لئمپ-پوسٽ ڪان ڇاڻي واٽي پرپرو ويٺا هئا ته جيئن رات ٿيندي اُتي روشني نه پهچي. رات ٿي ته رستي جي آمدرفت ڪافي گهٽ ٿي ويئي. هوُ جتي ويٺا هئا اُتي اوندهه نما ڏنڊلڪو هو. هنن ’مال‘ ميڙي هڪ رومال ۾ ٻڌو. هڪ ڇڻي لاش کي هلڪي ڇهنڊڙي پائي چيو، ”اُٿ ته ڀڄون.“

لاش بڻجي سُتل نوجوان ڦڙتيءَ سان چادر لاهي اُٿيو ۽ ٽيئي ڄڻا اَک ڇنڊ ۾ فٽ پاٿ جي پاسي ۾ هڪ اونداهي ڀَتِلي گليءَ ۾ گُهسي ويا.

”پاسي ۾ باغيچي ۾ ويهي ڀهرين پيسا ڳڻيون،“ هڪ ڄڻي چيو.

”ڀهرين مونکي پيشاب ڪرڻو آهي،“ ٻئي ڄڻي چيو.

”منهنجي به ٽانڪي فُل لڳي پيئي آهي.“

”لاڳيتا ست اَٺ ڪلاڪ هڪ هنڌ سماڌي لڳائي اَٿئون.“ ٽنهي ڪان گڏيل ٽهڪ نڪري ويو.

”ايتري دير ته سادُو سنت به نه روڪي سگهن.“

”ڪوشش ڪري ڏسن. سالن جي ڏوتي آلي ٿي وڃي.“

لمندو پنهنجي ٽيبل تي وڃي ويٺو ۽ هن ڏانهن آسائتي ڍنگ ۾ نهارڻ لڳو.

هن ڏاهي جي چوطرف نظر گهمائي چيو: ”ڀلو يارو، هن خالي ڪُنڊ ۾ ٿا هلي ويهون. مونکي توهان سان ڪجهه مخفي ڳالهائڻو آهي.“

هوُ اُتان اُٿي هڪ ڪنڊ واري ٽيبل تي وڃي ويٺا. هوُ ماٺهو اَچا ٻه هن ڏانهن آسائتو نهاري رهيو هو. هن هٿ مٺي ڪري هن کي آٿت ڏنو. هوُ گدگد ٿي پيو. گويا شاهوڪار ٿي ئي ويو هو.

هڪ سائيءَ چکن برياني‌ءَ جو آرڊر ڏئي چيو: ”هاڻ ٻڌاءِ پنهنجي پلئن.“

”پلئن اِها آهي تہ پاڻ کي ڦُرِ لُٽ ڪرڻ کپي.“

”چا!“ ٻنهي ساٿين کان رڙ نڪري ويئي.

”هيءَ مرڻ هرڻ جي اَنڪل في الحال تہ ٺيڪ آهي. گذران پيو ٿيندو. پر لسٽ نہ ايندي. اَسين جي بئنڪن جي ٻاهران يا آنگڙين وغيره جي ڦُرِ لُٽ ڪريون تہ ٻن ٽن سالن ۾ ڪروڙپتي ٿي سگهون ٿا. پر اُن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ چيزون کپن - ديسي ڪٽو ۽ سيڪنڊ هئنڊ بائيڪ. يعني پنجويهہ ٽيهہ هزار. ٻن ٽن مهنن ۾ هن ڏنڌي سان پيسا ڪٺا ڪري اِهي ٻئي شيون وٺي سگهجن ٿيون. ۽ پوءِ ريڪيِ ڪري ڦُرلُٽ. چا توهان سڄي عمر ريڙهيون پائيندي جيئڻ ٿا چاهيو؟ جيو-جنتوُ آهيو؟“

سَڪتي ۾ اَچي ٻئي ڪجهہ پل هن ڏانهن نهاريندا رهيا. هن جي رٿ ۾ هنن کي وزن لڳو.

”پڪڙجي پئون تہ؟“ هنن چيو.

”اَتو اَجهو تہ اَندر ٻہ ملندو. ٻاهر نڪري وري اُدم ڪنداسين. پر توهان پڪڙجڻ جو نہ سوچيو. رڳو مال کي اَهميت ڏيو. مال، جنهن مان بهاري ٿيندي.“

چوڪرو چِکن برياني‌ءَ جون ٽي پليٽون کڻي آيو ۽ اُهي ٽيبل تي رکيائين. هنن جيئن ئي برياني‌ءَ جو گره وات تائين ٿي آندو تہ ڏاهي کان ٻاهر گهٽي‌ءَ مان ’رام نام سنگ هئہ، واهگرو سنگ هئہ‘ جا منتر زور زور سان اُچارجندا ٻُڌائون ۽ ڪائي‌ءَ جي پنيان ڪيترائي ماڻهو تڪڙا تڪڙا ويندا ڏٺائون. هنن هڪ ٻئي ڏانهن هراس وچان نِهاريو ۽ هٿن مان گره ڪِرِي پين.

ꕥ

”يار، پاڻ پنهنجن ڳوٺن مان نڪتا هئاسين ڪنهن نوڪريءَ ٻوڪريءَ لاءِ ۽ هاڻ ڇهن مهينن ۾ حال کهڙا ٿي ويا اٿئون! وڏي ڏاڙهي، وڏا وار، اکين ۾ ڏرا ۽ ڳلن ۾ کڏون! ٽائليٽ جي واش بيسن جي آئيني ۾ شڪل ڏٺم ته دهلجي ويس.“

”سالي نوڪري ئي نه ملندي ته حال ته بڇڙا ٿيندا ئي نه.“

”ڇڏيو يارو روئڻ ڌوئڻ. هلو ته پيگ پاٽي پيئون.“

شهر جي اوجهڙ ۾ هڪ ميرو گندو ڍاٻو هو. ماڻهو ديسي دارون پي رهيا هئا. ڪي ڇِڪن برياني ته ڪي ويشنو روٽي کائي رهيا هئا. هنن نارنگيءَ جي هڪ بوتل گُهرائي ۽ ڇيوڙو. مُني ڪلاڪ ۾ بوتل خالي ڪري ڇڏيائون. اوچتو هڪ ڄڻي، جيڪو لاش ٿيو هو، ٽيبل تي زور سان مُڪ هڻي چيو ؛ ”مونکي شاهوڪار ٿيڻو آهي.“

آس پاس ويٺل گراهڪن هن ڏانهن رَونشي وچان نِهاريو.

”ٻلي ٿيءُ. اَسانکي واندو ناهي،“ هن جي ٻنهي ساٿين ڏرا خماريءَ ۾ جهومي چيو.

”عيش ڪرڻو آهي، عيش!“ هن وري ٽيبل تي مُڪ هڻي.

”واندو ناهي، واندو ناهي. پر سالا رهڻ لاءِ مڪان به ڪونهي. شُمهون ريلوي ويٽنگ هال ۾ يا بند دڪانن جي ٻاهران فٽ پاٿ تي ۽ ڳالهيون ٿو ڪرين عيش جون! گهر ۾ آنا نهين مان ڪو بولي پوُري پڪائوا!“

”اُن لاءِ مون وٽ هڪ پلئن آهي - فول پروف!“ هن آس پاس جي گراهڪن ڏانهن سرسري نظر اُڇلي آهستي چيو.

”وري کهڙي پلئن سوچي اَٿيئي؟ حرامي، تنهنجو دماغ آهي يا شيطان جو ڪارخانو!“

اَڃا هن ڳالهائڻ لاءِ منهن کوليو مس ته پاسي واري ٽيبل تان هڪ وچولي عمر جو ماڻهو، جيڪو ايترو ته سنهڙو هو، جو هڏائون پڃرو پئي لڳو، لُڏندو لمندو هن وٽ اَچي ويٺو ۽ هن ڏانهن هٿ وڌائي چيائين ؛ ”هٿ ملاءِ يار، تون ڪٿي هئين هيترا ڏينهن؟ مونکي به شاهوڪار ٿيڻو آهي. مونکي به عيش ڪرڻو آهي.“

هن جند ڇڏائڻ لاءِ هن سان هٿ ملايو ۽ چيائين ؛ ”ضرور ضرور، تون به شاهوڪار ٿيندين. تون به عيش ڪندين. جيئن ئي پلئن تيار ٿي توکي ڪانٽئڪٽ ڪندس. تون مونکي پنهنجو ڪارڊ ڏئي ڇڏ.“

هن ماڻهوءَ خوش ٿي پنهنجا کيسا ٿپٿپايا پر ڪارڊ نه مليس ته وري لڏند

راڪيش، جنهن سان مون پيار ڪرڻ جو ڏوهه ڪيو هو، تنهن مونکي ۽وڪو ڏيئي هتي آندو ۽ وڪڻي هليو ويو!

دماغ سُن ٿي ويو، دل ڌڪا پئي کائي، ٿوري دير ته ڪجهه سمجهه ۾ ۾ نه پئي آيم. منهنجي وشواس جو خون ٿي چڪو هو. صرف ڪجهه پيين لاءِ منهنجي آتما، عزت، سپنن ۽ آزاديءَ کي ڪنهن وڪڻي ڇڏيو هو. چوندا آهن دنيا ۾ هر شيءِ جي قيمت ٿيندي آهي. مونکي اِن جو مطلب اَڄ سمجهه ۾ آيو ته هڪ اِنساني زندگيءَ کي ڪا جنس بڻائي اُن ي اَلڳ اَلڳ قيمتن جا ليبل لڳائي، اُن جي نيلامي ٿي ڪئي وئي ۽ ٻوليون ٿي لڳيون.

خبر پيم، منهنجي هيءَ حالت چڱن ڏينهن کان آهي. بيهوشيءَ جا انجيڪشنس هڻي منهنجي جسم جي پوري نمائش ڪئي وئي هئي. منهنجين اَکين سان اَهڙي گندي ۽ بيخوف دنيا ۾ انساني فطرت ۽ نيت جا ڪيترا خريدار ۽ سؤداگر جنهن ۾ گونڊا، سماج جا ٺيڪيدار به ڪجهه ڪجهه ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان بس حاصل ڪرڻ ٿا چاهن.

مان پنهنجو پاڻ کي ٻوڙيءَ جيان ٿي پايان. جنهنکي هنن چِٽن ڪتن سامهون پيش ڪيو ٿو وڃي. قانون، گناهه، سزا، انصاف جهڙا لفظ متين تي ٽنگيل تصويرن جيان مون تي کِلي رهيا هئا.

گهر وڃڻ جون مِنٿون گهڻائي پيرا ڪيم، پر موٽ ۾ ڌڪ ۽ ڏنب ئي مليا. ڏيري ڏيري مان به هن بازار جي هڪ ڪنڊ وانگر چپچاپ سڀ ڏسندي رهيس. هڪ ڪنڊ جنهن مٿان اَلائي گهڻا ماڻهون اَلاءِ ڪيترا پيرا ٿڪيندا آهن. مجبوري، لاچاريءَ جهڙا اَکر ته ڪمزور ماڻهن لاءِ هوندا آهن، پر مان ته بيوقوف به هيس جنهن هن قيد مان ڀڄڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. مونکي پڪڙي ٻئي شهر موڪليو ويو پر اُتي به ساڳي بازار هئي. ڳاڙهي ۽ پيلي روشني، هر طرف اَلڳ اَلڳ قسمن جي خوشبو، سگريٽ جو دونهون ۽ بدبو، هر عمر جون عورتون ۽ ڇوڪريون، جن کي ساهي سنواري تيار ٿو ڪيو وڃي. پنهنجو ڪوڙو شان ڏيکاريندڙ اَنڌا ماڻهو رات جو به چشمو لڳائي، پنهنجي عزت وڪڻڻ ٿا نکرن يا اَلائي اَسان جهڙين جي خريدڻ.

پاڻ سان ٿيل ظلم جي دانهن مان ڪنهن کي نٿي ڏئي سگهان، جو ته موٽ ۾ اُميد ڇا رکان؟ ايترو درد سنو اَٿم، ايترا لُڙڪ وَهيا اَٿم جو هاڻي ڪوئي زخم وڏو لڳندو ئي ناهي. مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي، ان جو

ڪهاڻي-

”مايا ... ڪايا ...“

✍ ڪومل ديالاڻي

مان اُٿي ڪري بيهي نہ پئي سگهان. مٿو ڦِري پيو. اَکيون پلڪن جو بار نہ پيون سهي سگهن. منهنجيون ٻانهون پٺيءَ پنيان نوڙيءَ سان ٻڌل هيون. منهنجي بدن تي مار جا نِشان هئا. سڄو سرير درد وچان ٽُٽي رهيو هو، گلو سُڪي ويو هئو. خبر ناهي هوش ۾ اَچي رهي هيس يا بيهوش ٿي رهي هيس. ”پاڻي ... پاڻي ...“ منهنجو آواز منهنجي ڪنن تائين بہ ڪونہ آيو، رڳو چپ چُرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. خاموش ڪمري ۾ زيرو بلب ٻري رهيو هو. ڪير ڪمري ۾ داخل ٿيو. شڪل نہ پئي ڏسڻ آئي. منهنجي مُنهن تي پاڻيءَ سان ڀريل گلاس اُڇلايو ويو. اَکين ۽ ڇپن سان گڏ سڄو بُت ئي ڇرڪ ڀري ساهہ ڇڏڻ لڳو. ڪنهن زور سان منهنجي وارن کي پٽيو ۽ زور زور سان ڇماٽون هڻي چوڻ لڳو ۽ ”اُٺ ... هڪ گار ... پنيان ٻي بہ.“

”هاڻي هوش ۾ اَچ تہ اَصل ڪم شروع ڪيون.“

ڪمري ۾ هڪ ٻي بہ ڇوڪريءَ کي آندو ويو، جيڪا پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي پر هن کي هڪ سُئي هڻي ٻڌي ڇڏي ڏنو ويو ۽ هوءَ بيهوش ٿي ويئي. ”هن کي بيهوش ڪرڻ جي ضرورت ناهي. زخم ٺيڪ ٿيڻ ۾ ڪجهہ ڏينهن لڳندا، تيستائين لوڪل مارڪيٽ ۾ سپلاءِ ڪر.“

هڪ عورت نظر آئي. ويجهو اَچي منهنجي چهري تي پنهنجيون آڱريون ڦيرائڻ لڳي ۽ چيائين، ”تون تہ ٻاهر لاءِ مالُ آهين، تنهنجا تہ سٺا ٽڪا ملندا. ٻڌاءِ يورو، دنار يا ڊالر ڪهڙو ... (هڪ گار) ڳولهيان تنهنجي لاءِ؟“

”راڪيش ڪٿي آهي؟“ مون هن کان سوال ڪيو. هن زور سان ٿهڪ ڏنو.

”غلط سوال. اهو پُڇ تون ڪٿي آهين؟“ هوءَ اِئين چئي کِلڻ لڳي.

”جسم جي بازار ۾! تون وڪامجي چُڪي آهين. راڪيش مون سان پنجاهہ هزارن ۾ تنهنجو سودو ڪيو آهي.“

کهاڻي-

"نئين ڪروٽ"

✍ سَميڪشا لڇواڻي

هڪ پاڙي ۾ ڪي ساهيڙيون رهنديون هيون. سڀني جي عُمر اَٽڪل ١٦ کان ١٨ سالن جي وِچ ۾ هئي. اُنهن ساهيڙين ۾ هڪ هيرا تمام وڏي گهر، يا اِئين ڪٿي چئجي ته ڪنهن راجمحل جي راجڪماري هئي. سڄِي بستيءَ ۾ سڀني کان وڏي ۽ اَمير گهر جي هوءَ لاڏلي هئي جڏهن ڪِ سندس باقي ساهيڙيون لتا، آرتي، سَميڪشا، سُميتا ۽ هيما ساڳئي پاڙي جون غريب ڇوڪريون هيون.

هيرا ٻه-چار درجا پڙهائي ڪرڻ کانپوءِ اِسڪول ۽ اَڳتي جي پڙهائي ڇڏي ڏني هئي. جئن جئن هيرا جي عمر وڌندي ويئي، سندس وهنوار ۽ سوچ ۾ وڏو فرق ايندو ويو، پنهنجي زندگي عيش-او-آرام سان جيئڻُ، هميشه ٻين ساهيڙين جي مذاق اُڏائڻُ ۽ هر طرح سان کين نيچو ڏيکارڻُ، هيرا کي سُٺو لڳندو هو تڏهن ٻه سندس ساهيڙيون اُن جو بُرو نه مڃينديون هيون. هوُ پاڻ پنهنجيءَ مستيءَ ۾ مست رهنديون هيون. غريباڻي زندگيءَ ۾ ٻه هوُ سڀئي خوش هيون ۽ پريوار جي ننڍين ننڍين خوشين ۾ جيئڻ ۾ ئي آنند محسوس ڪنديون هيون. پاڙي وارن سان ٻه رلِي مِلِي رهنديون هيون ۽ سندن سُک-ڏُک ۾ پڻ ڀاڱي ڀائِي رهنديون هيون.

هڪ ڀيري پاڙي جي ڪنهن ٻار جو پيرُ ترڪڻ ڪري هوُ ڇِت تان ڪرِي پيو. ڏينهن جو وقت هو. سڀ ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪم تي وڃي چُڪا هئا. ٻار کي اسپتال وٺي وڃڻ لاءِ ڪو نظر نه پئي آيو. ٻار جي ماءُ مدد لاءِ هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندي ۽ ٻاڏائيندي رهي، اُتي ڪيس هيرا ملي پر هوءَ بيرُخيءَ سان مُنهن کي موڙا ڏيندي اَڳتي وڌي ويئي. تڙڦندڙ ٻارَ ۽ سندس ماءُ تي ڪيس ذرا ٻه قياس ڪونه پيو. پريان کان ايندڙ هيرا جي ساهيڙين اِهو لقاءُ ڏٺو. هوُ تڪڙيون تڪڙيون اَڳتي وڌي آيون. هيرا کي ڪجهه نه چيائون ۽ سيگهه ڪري هڪ گاڏي جو بندوبست ڪيائون، جئن-تئن ڪري وڏي مشڪل سان ٻار کي ڪٺائي اسپتال تائين صحيح وقت تي پهچايائون. ٻارڙي جي ماءُ جي اَکين ۾ ڳوڙها تري آيا

فيصلو توهان شايد ڪري سگهو پر ڇا توهان پاڻ ڪجهه ڪري ٿا سگهو؟ شايد نه. ڇو جو توهان به ڪٿي نه ڪٿي قاتل آهيو. اڄڪلهه دنيا ۾ به شيون چڙهه تي آهن، هڪ مايا، ۽ ٻي ڪايا. ٻئي هڪ ٻئي کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن ۽ خرچ صرف جسم ٿيندو آهي، تباهه صرف اَرمان ٿيندا آهن، لُڇندي آتما جي سرهاڻ آهي.

هڪ مئل جانور کي نکر ڪري بازار ۾ هڪ دفعو ئي وِڪيو ويندو آهي، پر هن جسم کي اَلائي ڪيترا ڀيرا اِستعمال ڪري وري ڪنهن ٻئي شهر جي بازار ۾ نيلام ٿو ڪيو وڃي. هيءَ ڪهڙي سزا آهي جيڪا ختم ئي نٿي ٿئي؟

ஜ

مِٺڙي سنڌي ٻولِي

جِت پيار جي آ خوشبوُ، سوئي چَمنُ آ مُنهنجو،
وَهي پيار جي گَنگا جِت، سوئي وَطنُ آ مُنهنجو،
سِنڌڙي آ جنم ڀوُمي، سنڌي آ مُنهنجي ٻولِي،
جَنهن تان ساهه صَدقي، اَهڙو وَچَنُ آ مُنهنجو.

....

جَنهن کي ٻوليءَ جو آ گيانُ، سو وِدوانُ آ،
جَنهن کي ٻوليءَ لاءِ سؤمانُ، سو گُڻوانُ آ،
جيڪو ٻوليءَ تان قُربانُ، سو تَہ مهانُ آ،
جيڪو ٻوليءَ کان اَڻڄاڻُ، سو نادانُ آ.

- ڀوڄراج اين. ڪيماڻي

ڪي وري شروع ڪر. سدائين وقت هڪ جهڙو نه هوندو آهي.“

هيرا، هيما جي ڳالهين کي اَڻ-ٻُڌو ڪري ڪيس گهران هلي وڃڻ لاءِ چيو. هيما هلي ويئي.

وقت گذرندو رهيو. هيما ساڳي لڳن ۽ سچائيءَ سان پڙهائي ڪندي اڳتي وڌندي ويئي. ڪجهه سالن کانپوءِ ڪيس سرڪاري نوڪري ملي، جنهن جي ڪري هيما کي پنهنجو ڳوٺ ڇڏي وڏي شهر وڃڻو پيو. اُتي به هن نوڪريءَ سان گڏ پڙهائي جاري رکي. هوءَ هر هنڌان ڪجهه نه ڪجهه پرائڻ پسند ڪندي هئي.

هوڏانهن، هيرا جي شادي سندن کان به وڏيڪ پئسي واري پريوار ۾ ٿي ويئي. پر، هيرا جي گهٽ پڙهائي، گهر جو ڪم ڪار نيڪ سان ڪرڻ نه اَچڻ ۽ ڳالهه-ڳالهه تي اَڪڙجڻ جي ڪري ساهرن ۾ سندس ڪا عزت ڪانه ٿي ٿِي. سندس گهوٽ کي هيرا کي ڪٿي به پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ ۾ شرمندگي محسوس ٿيندي هئي ۽ هوُ هيرا کي چڙهون ڏيندو رهندو هو. هيرا ڪجهه سال پريشان گذارڻ کانپوءِ آخر هڪ ڏينهن سچي حقيقت پنهنجي مائٽن سان ڪئي. اُنهن سيٺن کي پئسن جي لالچ ڏيندي هيرا سان سٺو وهنوار رکڻ جي تقاضا ڪئي. پر، پئسي سان سڀ ڪجهه ڪٿي ٿو خريد ڪري سگهجي؟

هيرا جي مٽان آيل مُصيبتن جي باري ۾ سوچيندي سوچيندي هڪ ڏينهن اوچتو سندس ماءُ کي زبردست دل جو دؤرو پيو. ڪيس وقت تي ڊاڪٽر تائين به نه پهچائي سگهيا ۽ هوءَ ... ها، بچي نه سگهي! ماءُ کانپوءِ هيرا وڌيڪ ٽُٽي پيئي. هوءَ ڪنهن سان دل جو حال اوري؟ سيني ساهيڙين کان ته اَڳيئي مُنهن موڙي ڇڏيو هئائين. هوءَ اَندر ئي اَندر مُوسالجي ويئي. ڪنهن سان ٻِڙڪ به نٿي ٻولي سگهي.

ان وچ ۾ هيرا کي هڪ ڌيءَ جائي هئي. هوءَ ٻن سالن کن جي ٿي ٿئي جو هاڻي هيرا کي ڌيءَ جي به چنتا ٿيڻ لڳي. ڏيري ڏيري هيرا خود کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري ئي رهي هئي جو هڪ ڏينهن اوچتو سندس زندگيءَ ۾ اَهڙو ڀيانڪ طوفان آيو جو سڀ ڪجهه ختم ڪري ڇڏيائينس. هيرا شام جو رنڌڻي ۾ روٽي ٺاهڻ وقت پنهنجي پتيءَ جي گهر اَچڻ جو اِنتظار ئي ڪري رهي هئي جو اَچانڪ فون جي گهنٽي وڳي هئي ۽ هيرا جي پتيءَ جي ڪنهن دوست، سندس ڪار-ايڪسيڊنٽ جي خبر ڏني. گهٻرايل هيرا گهر جي ٻين ڀاتين سميت اسپتال پهتي پر

۽ هُن هيرا جي سڀني ساهيڙين کي دل سان دعائون ڏينديِ سندن ٿورا مڃيا، جن سمجهداريءَ ۽ همت سان هڪ مشڪل گهڙيءَ جو اُپاءُ ڳولهي ڪڍيو هو.

اسپتال کان واپس اَچڻ کانپوءِ هيما، جيڪا هيرا جي وڏيڪ قريب ۽ گهريِ ساهيڙي هئي، هيرا کي پاڙي واريءَ سان ڪيل غلط وهنوار لاءِ اَفسوس ظاهر ڪرڻ ۽ معافي وٺڻ جي صلاح ڏني. هيرا ايترو ٻُڌيِ آپي کان ٻاهر ٿي ويئي ۽ غصي ۾ اَچيِ هيما جي بي-عزتي ڪرڻ ۾ سڀ مريادائون ٽوڙي ڇڏيائين. هوءَ هيما جي مذاق اُڏائينديِ رهيِ. هيما ۽ ٻين ساهيڙين جي ڪيل نيڪ ڪم تي ڇِبرا ڏيئيِ چِڙوُن ڪرڻ لڳيِ. هيرا چوندي رهيِ - ”تون هِڪَ غريب ۽ بيوقوف ڇوڪريِ مونکي ٿي ٻُڌائين تہ ڇا صحيح آهي ۽ ڇا غلط؟ توکي ڪهڙي خبر تہ زندگي ڇا چيز آهي؟ ڇا، تون زندگي جيئڻُ ڄاڻين؟ اَڌ ڏينهن پڙهائي ڪرڻُ، پوءِ ماڻهن جي گهر وڃي سندن گهر جو ڪم ڪرڻُ، شام جو پاڙي جي ڪمزور ۽ غريب ٻارن کي پڙهائڻُ ۽ رات جو وريِ پنهنجي گهر جو بہ سڄو ڪم ڪرڻ! هوُن .....! اِها بہ ڪا زندگي آ؟؟ جيئڻ تہ مونکي ايندو آهي عيش-او-آرام سان. نہ پڙهائيءَ جو جهنجهٽ ۽ نہ ڪنهن ڪمَ ڪارِ جو. هر ڪم لاءِ نوڪر حاضر وينا آهن. جيڪا شيءِ گُهران سا اُتي جو اُتي تِريءَ تي اَچي رکندا اَٿم. هيما! تون هليِ وڃ هِتان ۽ مونکي نہ ٻڌاءِ تہ ڇا صحيح آهي ۽ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي يا ڇا نہ؟؟“

هيما نهايت ئي شانت ۽ سرلتا سان هيرا جي ڳالهين جا جواب ڏيندي ۽ کيس پڙهائيءَ جي اَهميت سمجهائيندي چيو - ”هيرا، لکڻ-پڙهڻ بِنان ڪنهن اِنسان جي سُڃاڻپ نہ ٿيندي آهي. گيان ضروري آهي. لکڻ-پڙهڻ ذريعي اِنسان سماج ۾ وڏن-وڏن ماڻهن جي وچ ۾ اُٿڻ-ويهڻ سِگهندو آهي. کيس ڪنهن جي اَگيان هٿ نہ ٽنگڻو پوندو آهي ۽ نہ ڪڏهن شرمندو ٿيڻو پوندو آهي. باقي رهي ڳالهہ منهنجي ٻين جي گهر ڪم ڪرڻ ۽ ٻارن کي پڙهائڻ جي، سو مونکي ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي محسوس نہ ٿيندي آهي، بلڪ خوشي ملندي اَٿم ۽ آتم-سنتوش ٿيندو اَٿم تہ مان پنهنجي پڙهائيءَ تي ٿيندڙ سڄو خرچ پاڻ پنهنجي محنت سان ڪڍندي آهيان. اَلڳ-اَلڳ گهرن ۾ ڪم ڪرڻ سان بہ هر گهر جيِ ڪن سُنايُن کي سمجهڻ ۽ سِکڻ جو موقعو ملندو اَٿم. هيرا! اَڃان بہ ويل وئيِ ڪونهي. تون وقت جي قيمت کي سمجهہ ۽ اَڌ ۾ ڇڏيل پڙهائيءَ

نندي ڏيءُ کي سڀ حق ۽ حصو ڏيارڻ واسطي [illegible] ۾ ڪيس داخل ڪري ورتو. ڪيس واجب هو. ڪاروائي هلي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ فيصلو آيو. هيرا کي ساهرن مان سڀ حق مليا، جاءِ جائداد ملي ۽ سندس زندگي نئين ڪَروَٽ ورتي.

هيرا، هيما جي قدمن ۾ ڪِري پيئي. پنهنجي ڏيءَ کي پڙهائي - لکائي هڪ ڪامياب انسان بڻائڻ جو هُن واعدو ڪيو، هيما سان ... ۽ پوءِ، سس-سهري سان گڏ رهڻ هلي ويئي پنهنجي گهر.

هيرا خوشيءَ سان پنهنجو جيون گهاري رهي هئي جو وقت اوچتو ٽي وري پاسو ورايو ۽ هيرا هڪ گنڀير بيماريءَ جو شڪار بڻجي پنهنجي معصوم ڏيءَ ۽ دنيا کي الوداع ڪري رب ڏانهن رواني ٿي ويئي.

هيرا جي ڏيءَ آتم-وشواس ۽ همت سان هر مشڪل کي مُنهن ڏنو. ڏاڏي-ڏاڏيءَ جي ٻُڍاپي جو سهارو بڻي ۽ پڙهائيءَ ۾ ڪيترائي رڪارڊ قائم ڪندي هڪ ڪامياب ۽ نامياري ڊاڪٽر بڻي. هُن ماءُ جو سندس ساهيڙي هيما سان ڪيل واعدو پورو ڪيو. غريبن ۽ ضرورتمندن لاءِ پنهنجي ماءُ جي نالي سان اسپتال کوليائين - ”هيرا هاسپيٽل“.

ﷻ

مِٺڙي سنڌي بولي

مُنهنجي جانِ تِنِ تان صَدقي، جيڪي سنڌي سِکنِ ٿا،
ماءُ پيءُ جا هِي دُلارا - جاتيءَ جي پَت رَکنِ ٿا،
سِنڌي قوم جا هِي پيارا - بوليءَ جو شانُ ڪَنِ ٿا،
بوليءَ لاءِ جِنِ کي پيار آ - آسيس سي ڪٿَنِ ٿا.

- يوڄراج اين. ڪيماڻي

تيسين سندس پتي پنهنجي زندگيءَ جو آخرين ساهه کڻي چُڪو هو.

هيرا جي زندگي ڄڻ هڪ هنڌ بيهجي ويئي. سندس سس-سهري پٽ جي ٻارهي جي ٻئي ڏينهن ئي نوُنهن کي منحوس مڃيندي سندس بيحد بي-عزتي ڪئي ۽ کيس ننڍڙيءَ ڌيءَ سميت گهر کان ٻاهر تڙي ڪڍيو.

هيرا جو هاڻي سندس پيءُ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه پنهنجو ڪونه هو. هيرا اُتي پهتي. پر اُتان جو ته نظارو ئي ڪجهه اور هوا. هيرا جو پيءُ لِڪ-چوريءَ ۾ ٻي شادي ڪري ويٺو هو، جنهن هيرا ۽ سندس ننڍڙي ڌيءَ کي پاڻ وٽ پناهه ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. مگر سندس ماٽيلي ماءُ ان شرط تي کين گهر ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار هئي ته هيرا گهر جو سمورو پورهيو ڪندي.

هيرا جنهن گهر جي راجڪماري ٿي رهي هئي، هاڻي اُتي ٻانهي ٿي رهڻ کيس منظور نه ٿيو، سو بنا ڇَپ چوري، زهر جو ڍُڪ پيئندي، ننڍڙي ابهمڙيءَ کي ڇاتيءَ سان چنبڪائي رمندي رهي.

گهران ٻاهر نڪري پُراڻن پاڙي وارن سان به هُن ڪم جي اِلتجا ڪئي پر ڪنهن به نه وريو. سڀ ڄاڻندا هئا ته هيرا ۽ ڪمُ، ڪو ڪوڙو ئي ڪونه ٿو لڳي. ان ڪانسواءِ سندس ڪنواري هوندي وارو سُپاءُ به هر ڪنهن جي آڏو هئو. تنهن هوندي پڻ سندس پيءُ جي هِڪ پاڙي واري دوست کي قياس اَچي ويو. هُن هيرا کي همدردي جتائيندي ڪجهه پئسا ڏنا ۽ چيائين - ”پٽ، پنهنجو ۽ هن ٻالڪيءَ جو خيال رکج.“

هيرا اَحمدآباد هلي آئي. ڪم جي ڳولها ۾ در-در ڀٽڪندي رهي. هِت هُت ڀِٽڪندي ڀٽڪندي اِتفاق سان اُن در تي وڃي پهتي جتي سندس ٻچپن جي ساهيڙي هيما جو گهر هو. هيما هاڻي مشهور وڪيل بڻجي چڪي هئي ۽ اَحمدآباد ۾ پريڪٽس ڪندي هئي.

هيما هڪدم هيرا کي سُڃاتو. کيس اَندر اَچڻ لاءِ دل سان آڇ ڪئي. هيرا جون اَکيون ڇُلڪي پيون. هيما پنهنجي سُڀاوَ موجب هيرا کي هارديڪ مانُ-سنمانُ ڏنو. هيرا به همدرد ساهيڙي هيما اَڳيان پنهنجِي درد ڀري داستان جون ويئي تهوُن کوليندي.

هيرا، هيما سان گڏ سندس گهر ۾ ئي رهڻ لڳي. هيرا جي ڌيءَ به سٺي نموني پلجڻ لڳي. هيما پنهنجِي قابليت جو لاڀ هيرا کي ڏيارڻ لاءِ قمر ڪَسِي ۽ هڪ ڏينهن هن هيرا جي ساهرن مٿان هيرا ۽ اُن جي

ڪان ڪافي متاثر هو.

مون اَول چيو تہ هريش هڪڙو اَپياسي شخص هو، جيڪو گهڻن ئي وشين جي ڄاڻ رکندو هو. تنهن ۾ بہ منو وگيان ۽ سماجڪ منو وگيان سان هن جو خاص لڳاءُ هو. هو ڪيترن سالن تائين هتان جي مشهور اخبار ’ڪڇ متر‘ ۾ هفتيوار ڪالم لکندو رهيو. ان حوالي ۾ هن کي ڪيترن ماڻهن جا خط بہ ايندا هئا جن جا جواب هو بنا نالا ڏيڻ جي ان ڪالم ۾ ڏيندو هو. هتان جي دوستن کي خبر آهي تہ مانسڪ مسئلن تي صلاح ڏيڻ لاءِ هريش ’مانس‘ نالي سان هڪ سينٽر بہ شروع ڪيو هو، جيڪو پوءِ جلدي هن بند ڪري ڇڏيو.

ايترن وشين جو اَپياسي ۽ ويچارشيل هئڻ جي باوجود هريش بنيادي طرح سان ساهتڪار هو. هوُ جديد سنڌي اَدب جي بانين مان هو. تنهن ۾ بہ ڪوتا هن جو ڀريون پيار هئي. اِئين هريش ڪوتا، ڪهاڻي ۽ آلوچنا، اَدب جي ٽنهي صنفن يا وڌائن ۾ پنهنجي اَلڳ سُڃاڻپ قائم ڪئي هئي. مجموعن جي روپ ۾ هريش جا ڪُل ٽي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سنڌس ڪوتائن جو ڪتاب ’۴۰-۷۶‘ سنڌس ڪهاڻين جو ڪتاب ’۴۰-۸۰‘ ۽ سنڌس آلوچنائن جو ڪتاب ’۴۰-۸۴‘ جنهن تي کيس ساهتيہ اَڪادمي اَوارڊ حاصل ٿيو هو. هري موٽو اٽيءَ ۲۰۰۱ ۾ هريش جو لکيل ڪڇ جو سفرنامو ’ريتِ جي آسمان ۾ ڌرتيءَ جي ڳولها‘ ۽ هريش جون ڪي اَول ڇپيل - اَڻ ڇپيل رچنائون گڏ ڪري ’ٻُڙي ۽ ٽي ٻُڙيون‘ جي نالي سان ڇپايو آهي.

هريش جي اَول ڇپايل ڪتابن جي اَنگن ۾ رکيل نالن کي تہ ڪيترا دوست ڄاڻن ٿا. انهن ۾ ڀريون اَنگ هريش جي جنم جو ۱۹۴۰ ۽ ٻيو اَنگ ۷۶، ۸۰، ۸۴، ڪتابن جي شايع ٿيڻ جا آهن. ’ٻُڙي ۽ ٽي ٻُڙيون‘ ڪافي مبهم آهي. هري موٽواٽيءَ جو چوڻ آهي تہ اهو ڪنهن فلاسافيڪل نقطي جو آڀاس تو ڪرائي. برابر اهو نالو ڪنهن فلاسافيڪل نقطي جو آڀاس ڪرائي ٿو، پر ان آڀاس مان آڪار تائين پهچڻ سولو نہ آهي. هونئن هريش جي سموري فطرت ئي آڀاسي هئي. هوُ ڪنهن سِڌي مروج سوال جو جواب بہ سولو نہ ڏيندو هو. جي ڪڏهن هريش کان پڇبو هو تہ ڪهڙو حال آهي؟ تہ مروج جوابن - ٺيڪ آهي، سٺو آهي، هلون پيا ٿا - وغيره جهڙو جواب نہ ملندو. ان جي بدران جواب ملندو - حال جو مدار تہ حالتن تي هوندو آهي ۽ حالتون تہ سدائين بدلجنديون رهن

هريش واسواڻي -
شخص ۽ سماجڪ شخص

✍ ستيش روهڙا

ڪي ماڻهو آهن جي ڪُجھ ڄاڻن ڪونہ ٿا پر سمجھن ٿا تہ ڪُجھ ڄاڻن ٿا، اهي مورک آهن، انهن کان پري رهو.

ڪي ماڻهو آهن جي ڪُجھ ڄاڻن ٿا پر ڄاڻن ڪونہ ٿا تہ ڪُجھ ڄاڻن ٿا، اهي بيخبر آهن، اُنهن کي جاڳايو.

ڪي ماڻهو آهن جي ڪُجھ ڄاڻن ٿا ۽ ڄاڻن ٿا اهي سياڻا آهن، انهن جو ساٿ ڳولهيو.

مٿئين حوالي ۾ ڏسجي تہ هريش واسواڻي ٽئين قسم جي ماڻهن مان هو. هوُ ڪافي ذهين، اَڀياسي ۽ ويچارڪ شخص هو ۽ هن کي پنهنجن انهن دماغي گڻن جي ڄاڻ بہ هئي. هن ڏيکاوَ واري نهنائي ڏيکارڻ جي ڪڏهن ڪوشش نہ ڪئي ۽ انڪري عام گفتگوءِ جي حالت ۾ بہ هوُ عام ڳالهائيندڙ نہ هو. هريش سرل طبيعت وارو يا سرل شخص تہ هو پر هو انهن خوش مزاج شخص مان نہ هو جن جي موجودگي ڪنهن محفل کي خوش ماحول بڻائي ڇڏيندي آهي، هن جي موجودگي محفل کي وڏيڪ گنڀير فلاسافيڪل - اَدبي ماحول وارو بڻائي ڇڏيندي هئي.

هريش گهڻن ئي وشين جو اَڀياس ڪيو هو. هن اَنگريزي ساهتيہ ۽ پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم.اي. ڪئي هئي، انڪري هريش کي اَنگريزي لٽريچر جي سني ڄاڻ هئي ۽ جدا جدا موضوعن تي گهڻو ڪري اَنگريزيءَ ۾ ئي ڪتاب پڙهندو هو. پوليٽيڪل سائنس تہ هن جو بيحد پيارو وشيہ هو. جيتوڻيڪ هو وهنوارڪ پاليٽڪس کان بلڪل پري هو. هو ڪنهن بہ پوليٽيڪل پارٽيءَ جي طرف جهڪاءُ نہ رکندو هو ۽ مونکي شڪ آهي تہ هن ڪڏهن ڪنهن بہ اِليڪشن ۾ پنهنجي ووٽ جو اِستعمال ڪيو هو. اَنگريزي لٽريچر ۽ پاليٽڪس کانسواءِ هن جدا جدا ڌرمن ۽ فلاسافين جو اَڀياس ڪيو هو. هوُ ٻُڌ ڌرم جي طرف ڪافي مائل هو ۽ ڪيترا دفعا ڌرمشالا (ڀارت ۾ ٻُڌ ڌرم جي اَڀياس جو اَهم شهر جتي دلائي لاما رهندو آهي) ويو هو. پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ هو 'زين ٻُڌ ڌرم' (چين ۾ ڦهليل)

وانگر بڻجندو تہ وجي. حقيقت ۾ جدت جي مول فلاسافي سماجڪ ۽ ڪٽنبي ويوسٿا کي ناڪارڻ ئي آهي.

پر، وهنوارڪ زندگيءَ ۾ هوءُ هرڪنهن ويوسٿا جو حصو هو. هن جو پنهنجو ڪٽنب هو. هو ڪٽنبي ويوسٿا سان جُڙيل هو. روزي روزيءَ جي ضرورت سبب هو ڪاليج ۾ پروفيسر هو پر پنهنجي اِڇا ۽ پسنديءَ سان هو سنڌالاجيءَ جو ڪيترن سالن تائين چيئرمن هو. ٻين ڪيترين سنسٿائن، جيئن ساهتيہ اَڪادمي وغيره سان بہ هن جي واسطيداري هئي.

اِئين هن جي اِڇا موجب سنڌ جي مهان شاعر شاهہ عبداللطيف جي ڀٽالي سان هڪ سينٽر بہ کوليو ويو هو. هريش جنهن جو باني هو پر پوءِ هريش ان کان پري ٿي ويو. اِئين هريش شهر جي هر واقف شخص جي شادي-غميءَ ۾ شامل بہ ٿيندو هو. هو سيمينارن ۾ شامل بہ ٿيندو هو تہ انهن جي صدارت بہ ڪندو هو. هو آل اِنڊيا ريڊيو تي ڪوتائون بہ پڙهندو هو. مطلب تہ هو هر طرح سان سماجڪ ويوسٿائن سان جُڙيل هو. هتي مان پنهنجو هڪ ذاتي اَنڀو ٻڌائڻ واجب ٿو سمجهان. هڪ دفعي مان ۽ هريش ساڳيءَ بس ۾ آديپور کان ڀڄ آل اِنڊيا ريڊيو تي رڪارڊنگ لاءِ وڃي رهيا هئاسين. اوچتو هريش مون کان پڇيو - ستيش، اَسين هيئن آل اِنڊيا ريڊيو تي پروگرام ڏيڻ ڇو ٿا اَچون؟ هن پروگرام جي جيڪا اَهميت آهي، ان کان تہ اَسين واقف آهيون. مان ٿوري دير ڇُپ رهيس، پوءِ چيم، هريش، ايمانداريءَ سان چئجي تہ اَسين اَچون ٿا ايمانداريءَ سان بہ اَڍائي سوَ رپيا ڪمائڻ. پوءِ اَسين ٻئي ڇُپ ٿي ويا هئاسين.

اِئين ڏسجي تہ ذهني سطح تي هو جنهن هستيواد جو مڃيندڙ هو، ان کي وهنوار ۾ نہ جِي سگهڻ جي مجبوريءَ سبب هريش جي سموري اَدبي رچنا جو آڌار هريش جي ذهني ضِدتا واري هستيوادي فلاسافي آهي. سٿول جي بنسبت سوڪيم جي طرف وڌيڪ جهڪاءَ سبب هريش جون رچنائون عام جديد اَدبي رچنائن جي بنسبت وڌيڪ سوڪيم يا Abstract آهن ۽ هريش جي رچنائن ۾ آپاسي علامتون وڌيڪ آهن، جنهن ڪري هريش جي ڀاشا-شئلي بہ اَلڳ ۽ نرالي آهي.

جيئن مون اَول چيو، هريش منهنجو ڪافي ويجهو دوست هو. هن حوالي ۾ هن سان آخري ملاقات بابت مان پنهنجو هڪ اَنڀو هتي ٻڌائڻ

تيون ... وغيره. هاڻي پڇندڙ ٻيو سوال ڪرڻ جو سوچيندو ئي ڪونه. هونئن هريش دلبر ماڻهو به هو. مان ڪجهه ڏينهن ڇڱو ناچاڪ هوس. مون وٽ هريش ايندو هو ۽ چوندو هو - ڏس ستيش، مان ڪو گهڻو ڪم ته ڪري ڪونه سگهندو آهيان پر جي رنڌڻي مان ڀاڄي وغيره ڪٽي اَچڻو هجي ته ڀري اَچان. ٻُڌي مون کي سچ ته خوشي ٿيندي هئي جو مونکي خبر هئي ته هريش کي گهر ۾ ڪک ڀڃي ٻيڻو ڪرڻ جي ضرورت به نه پوندي هئي. انڪري ئي اِندرا واسواڻيءَ جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ هريش آديپور ۾ نه رهي سگهيو ۽ سندس ڌيءُ ڪيس دهليءَ پاڻ وٽ وٺي ويئي جيتوڻيڪ دهليءَ جي موسم - خاص ڪري سرديءَ جي موسم هريش لاءِ موافق نه هئي.

هريش سان منهنجي دوستي پنجاهه سالن کان به وڌيڪ جي آهي. اَسان ٻنهي ڪيترا دفعا اِئين محسوس ڪيو هو ته اَسان جي من ۾ ڪا ڪشمڪش، ڪا مانسڪ جدوجهد هلي رهي آهي پر ٻُڌيجيوي سڏائيندڙ يا پاڻ کي ٻُڌيجيوي سمجهندڙ شخص سان اها ٽريجڊي رهي آهي ته هو اَندر ئي اَندر پاڻ سان ڪشمڪش ڪندا رهندا آهن پر ڪنهن کي ڏسڻ نه ڏيندا آهن. اَسين ٻئي به هڪ ٻئي جي اَهڙي مانسڪ اسٿتيءَ کي محسوس ڪندا هئاسين پر ذهني ڳالهين کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه ڪري نه سگهندا هئاسين. مثال طور هريش بنيادي طرح سان هستيواد يا جدت پرست هئڻ سبب ڪنهن به سنسٿاواد ۽ هرڪنهن قسم جي ويوسٿا جي خلاف هو. سندس مشهور ڪوتا 'پرش وئشيا' جون هيءُ چار سٽون ئي ان جو وڏو ثبوت آهن :

سڙڪن ۽ چار ديوارين جي وچ ۾ ڪو اڪميڻو سمجهوتو آهي. اغلط هنڌن
کان بچڻ جي ان ناٽڪ ۾ اسڙڪن تي مون کي روزي ڏيئي اچار
ديوارين ۾ منهنجي تن من سان ويچار ڪري اهي شهر امون کي ڏيري
ڏيري پرش وئشيا جو روپ ڏيندو ٿو وڃي.

هتي سڙڪون سمبل آهن سماجڪ رچنا جو جتي اِنسان کي جيئڻ لاءِ سمجهوتو ڪري هلڻو ٿو پوي ۽ چار ديواريون آهن سموري ڪٽنبي ويوسٿا جون جنهن ۾ شادي، سڀئي رشتا ناتا اَچي ٿا وڃن ۽ شخص انهن ٻنهي ويوسٿائن جي وچ ۾ چوسجي رهيو آهي. جيئن هڪ وئشيا جيئڻ جي ڪشمڪش ۾ روٽي روزي ۽ سماجڪ ويوسٿا جو شڪار بڻجي ٻين جي وحشت جي شڪار ٿيندي رهندي آهي. اَڄ پرش يعني فرد به ان وئشيا

سوچ جون صورتون -

چنچلتا، ﭘﻨﮑﺎﺀُ ۽ ايڪاگرتا

اَرجن چاولا

اِئين تہ ناهي ’مان‘ ’من‘ شبد مان ئي ’منُشيہ‘ شبد گهڙيو ويو هجي! زياده تر ماڻهن پنهنجي واڳ من جي حوالي ڪري ڇڏي آهي ۽ اهي پنهنجي من جا مالڪ ناهن. سوال اُٿي ٿو تہ ’من‘ منُشيہ جو دوست آهي يا دشمن! انهيءَ جو جواب من جي سڀاءَ کي پرکڻ سان ملي سگهي ٿو.

من جو اهو سڀاءُ آهي تہ هڪ خواهش پوري مس ٿي تہ ٻين خواهشن جي ڄار ۾ اُلجهي پوي ٿو. من جنهن حد تائين اِڇائن ۽ ڪامنائن جي ڄار ۾ جڪڙيل آهي، انهيءَ حد تائين اَسين تناوَ ۾ رهون ٿا. من جي انهيءَ ڄار کي سمجهي بنا، اَسين ڪيترين ئي پريشانين سان روبرو ٿيڻ لڳون ٿا.

چنچلتا من جو سڀاءُ آهي. من جي سڀاءَ مطابق اَسين خيالي گهوڙن تي سوار ٿي ڪڏهن ماضي تہ ڪڏهن مستقبل ۾ سفر ڪندا ٿا رهون. شايد اها پرواه نٿا ڪريون تہ ماضي تہ مري چُڪو آهي ۽ ٻيهر نہ موٽندو ۽ مستقبل (ڀوشيہ) تہ اَڃا آيو ئي ناهي. ماضي ۽ مستقبل تي تہ اَسان جو وس ئي نہ هلندو. ها، ورتمان اَسان جي هٿ ۾ آهي پر من ڪڏهن ورتمان ۾ ترسڻ ئي نٿو چاهي. من هِن ڪان هُن پر لامارا ڏيندو رهي ٿو. سڄو ڏينهن تہ خيالي گهوڙن تي سوار رهون ئي ٿا پر رات جو بہ سپنن جي سنسار ۾ کوهجي ٿا وڃون. جيڪي ڪم يا اِڇائون ڏينهن جو پوريون نٿا ڪري سگهون، سي رات جو خوابن جي دنيا ۾ سئر ڪندي پوريون ڪري ٿا وٺون.

من ڏاڍو چنچل آهي. ووِيڪ جي لغام ذريعي ڪيس قابو رکڻو آهي. نہ تہ من جو غلام بڻجي پئبو ۽ اهو اَسان جي شخصيت لاءِ هاڃيڪار آهي.

من جي چنچلتا ۽ ﭘﻨﮑﺎﺀَ کي روڪڻ لاءِ من کي ايڪاگرتا جي

ضروري ٿو سمجهان. هريش جو ديهانت اَپريل ٢٠١٣ ۾ ٿيو هو. پنهنجي ديهانت کان ٣-۴ مهينا اَول هريش هتي آيو هو. پنهنجي پتنيءَ اِندرا جي ديهانت کانپوءِ دهليءَ ۾ رهندڙ پنهنجي ڌيءَ شيفاليءَ وٽ رهندو هو. هو مون سان منهنجي گهر گڏيو هو. ڪافي ڪمزور ٿي ويو هو ۽ ڳاڙهي مشڪل سان هلي سگهندو هو. مون اِئين ئي سهج ڀاوَ سان کانئس پڇيو - هريش، تون اتي سڄو ڏينهن ڪيئن گذاريندو آهين؟ هريش جي منهن تي ڪو ڀاو ڪونه هو. هن ڪي چپ ڏسي مون ئي ڳالهه وڌائي - مون کانئس پڇيو ته هو اخبارون، ڪتاب وغيره پڙهندو آهي؟ ريڊيو ٻڌندو آهي؟ ٽي.وي. ڏسندو آهي؟ هاڻي هريش جواب ڏنو. چيائين، ”مون پڙهڻ ڇڏي ڏنو آهي. مان نه ريڊيو ٻڌندو آهيان ۽ نه وري ٽي.وي. ڏسندو آهيان. مان پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هوندو آهيان ۽ چپ چاپ اَڪيون کولي ويٺو هوندو آهيان. هريش وڏيڪ چيو ته زين ٻُڌ ڌرم جو گرو ’تائو‘ پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ اِئين چپ چاپ ويٺو هوندو هو. هن ڪاڏو کائڻ به بند ڪري ڇڏيو هو. لڳندو هو ته هو آتم تتو کي، اَننت تتو ۾ سمائجي وڃڻ جو اِنتظار ڪري رهيو آهي. مان به پڇاڙيءَ جو اِئين رهڻ ٿو چاهيان ... هريش جي زندگيءَ طرف هيءَ اُداسي ڏسي مان بيحد اُداس ٿي ويو هوس.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هريش جهڙو گهرو اَيياسي، سوکيم چنتن شيل ۽ اعليٰ رچناڪار ڪنهن به ڀاشا لاءِ فخر جو باعث آهي.

مِنڙي سنڌي ٻولي

ڪُرُ آهيوُن ڪَمائڻ ۾ - ۽ ڪِسڪي پئِي هَٿن مان اُفُ!
سنڌي ٻولي اَباڻن جي - سِنڌين جي جانِ آ جيڪا،
سوچيوُن سَڀ پاڻَ ۾ گڏجي - ٻوليءَ جي واڌاري لئه،
ڪَريوُن حِفاظَت ٻوليءَ جِي - پَنهنجي پَهچاڻ آ جيڪا.

- يوڳراج اين. ڪيماڻي

سنگيت ڪلا جو سچو سادڪ

✍ ڊولڻ 'راهي'

اَڄ مان اُن سنگيت ڪلاڪار جو ذڪر ڪرڻ ويٺو آهيان، جنهن اَڌ کان مٿي صديءَ کان لڳاتار سنگيت سادنا پئي ڪئي آهي ۽ اَڄ ٨٧ سالن جي عمر ۾ هي نيڪ طبع ۽ درويش صفت شخص پوري منو يوگ سان سنگيت سادنا ۾ لين آهي. ١٩٢٦ع ۾ سنڌ جي جيڪب آباد ۾ ڄاول هن فنڪار ١٢ سالن جي عمر کان طبلي جي تعليم پرائڻ شروع ڪئي. مکيه تال، قاعدا ۽ پَرن وغيره سِکي اُنهن جو اَڀياس ڪندو رهيو. ١٨ سالن جي عمر کان هي پنهنجي ڪاڪي مورومل کان وايولن ۽ هارمونيم جي تربيت حاصل ڪري عوام اَڳيان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهيو ۽ ڪراچيءَ وچ وڏيڪ سڪندي / سيڪاريندي پنهنجو رياض جاري رکيائين. ورهاڱي بعد دهليءَ اَچي هِز ماسٽرس وائس رڪارڊنگ ڪمپنيءَ ۾ سازندي بطور ملازمت ڪيائين. سال ڏيڍ بعد اُتي ڪم ڪندڙ لاهور جي فنڪارن سان گڏ بمبئيءَ هليو آيو. بمبئيءَ ۾ اُن دؤر جي مشهور فلمي سنگيتڪار ڀائرن پنڊت حسن لعل ڀڳترام جي آرڪيسٽرا سان وايولن وڄائڻ شروع ڪيائين. ثُريا، لتا منگيشڪر، شمشاد بيگم، محمد رفي، مَنادي، ڪشور ڪمار جهڙن گلوڪارن سان ڪيترن فلمي نغمن ۾ وڄائڻ جو ڪيس وجهه مليو. ٥ سالن بعد هوُ شنڪر جئڪشن، نوشاد، لڪشمي ڪانت پياري لعل جهڙن سنگيتڪارن سان ڪم ڪندو رهيو. جن فنڪارن جو اَسان فقط نالو ئي ٻُڌو هوندو، اُنهن سان سنگت ڪرڻ جو ڪيس سؤڀاڳيه مليو. قريب ٤٠ سال فلمي نغمن ۾ وڄائڻ بعد فلمن مان هوُ رٽاير ٿيو. اِن عرصي دؤران هوُ پروفيسر رام پنجواڻي، ماسٽر چندر، مهيش چندر جهڙن مشهور ڳائڪن سان ڪڏهن طبلي تي ته ڪڏهن وايولن تي سوين پروگرامن ۾ سنگت ڪندو رهيو. فلمي سنگيت سان واڳيل هوندي به هوُ سنڌي سنگيت جي راڳن راڳڻين کان نه رڳو ڀليءَ ڀت واقف آهي، بلڪ سولو وايولن تي نج سنڌي راڳن (سورٺ، راڻو، ڪوهياري، ڀهاڙي، سنڌي ڀيروي، ڪالنگڙو وغيره) جي هڪ ڪئسيٽ پڻ ڪڍيائين. نه رڳو ايترو پر مشهور سنڌي گيتن، ڪلامن جي سنگيت لپي (Notation) ڏيئي هڪ

درڪار آهي. ايڪاگرتا مان مراد آهي 'هِڪمَنو' يا 'هِڪچِتو' ٿيڻ يعني ڪوبہ ڪم پوري مَنويوگ سان ڪجي. ايڪاگرتا جو مطلب آهي پنهنجي چيتنا جي اَلڳ اَلڳ ڌاڳن کي هڪ ٻنديِ تي ٻڌي رکڻ يعني هڪڙي ڀاوَ يا ويچار تي ٽِڪائي رکڻ. ڌيان جو اَرٿ آهي من کي هڪ ئي قسم جي ويچارن جي سلسلي تي ٽِڪائڻ. جيڪي اهو ڏانءُ حاصل ڪري ٿا وٺن، سي هر ڪم ۾ آسانيءَ سان ڪامياب ٿين ٿا. ايڪاگرتا جي شڪتي جو وڪاس ٿئي ٿو تہ سنڪلپ شڪتي بہ وڌي ٿي. پر ساڳئي وقت سنڪلپ شڪتي جي مدد سان ايڪاگرتا کي مظبوط ڪري سگهجي ٿو. ايڪاگرتا سان سڀيئي سنڪلپ پورا بہ ڪري سگهجن ٿا.

چنچل من جي ڀٽڪڻ کي روڪڻ لاءِ ايڪاگرتا ڌارڻ جي ضرورت آهي. ٻِچِتو ٿيڻ ئي تہ ڀٽڪاءُ آهي. هِڪچِتو يا هِڪمَنو ٿيڻ ئي ايڪاگرتا آهي. ٻِچِتائي (Indecision) واري اِسٿتي ماڻهوءَ کي رولي ٿي وجهي. هِڪچِتي شخص ۾ ترت فيصلو وٺڻ جي صلاحيت هوندي آهي. اُهڙو شخص نہ ڪنهن وهم ۾ ڦاٿل هوندو آهي ۽ نہ ڪنهن ڀرم ۾. ايڪاگر چِت واري شخص جي درشٽي نسبتا (Comparatively) صاف رهي ٿي ۽ هو سامهون لکيل عبارت کي صاف پڙهي سگهي ٿو. پڙهڻ جو ڏانءُ نہ هجڻ هڪ اَلڳ ڳالهہ آهي پر عبارت صاف نہ هئڻ جو بهانو يا مِڪر ڪرڻ پاڻ کي ٺڳڻ جي برابر آهي. اَهڙو شخص چتر نہ پر چرٻَٽ ليکبو.

جي ڀڙمي ڪين ٿو ڄاڻين تہ ڪا حرڪت ناهي،
اِئن نہ چوءُ سامهون لکيل صاف عبارت ناهي.

مٿي ذڪر ڪيل آهي تہ ايڪاگرتا ۾ سنڪلپ شڪتي وڌي ٿي. سنڪلپ شڪتيءَ سان ئي من جي چنچلتا کي سوگهو ڪري سگهجي ٿو.

هِي زندگيءَ جا ناٽڪ ٿيا پي،
ٿين پيا، ٿيندا رهندا ...

✍ پي. بي. چاند

’ڪونج‘ جي آڪٽوبر ٢٠١٢ جي پرچي ۾ ليکڪ هوتو پياسي جو چپيل خط پڙهيم. پڙهي اَفسوس ٿيو، سوچيم اَسانجي سنڌي اَديب جي چا تہ حالت ٿي ويئي آهي. پر هڪ ’هوتو‘ ئي ڇو؟ جوُن مهني جي هندواسي پرچي ۾ ليکڪا ڪلا پرڪاش جو ليک ’زندگي آخر ڪنهن سان رعايت ڪئي آهي؟‘ چپيل آهي. جنهن ليک ۾ ڪلا گهڻن ئي مهارتي سنڌي ليکڪن، اَديبن جو ذڪر ڪيو آهي، جن پنهنجو رت ست ڏيئي سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت، اَدب جي شيوا ڪئي آهي. پر کين ڇا مليو؟ زندگيءَ کهڙن سنڌي اَديبن سان رعايت ڪئي آهي؟ پر مان سمجهان ٿو سنڌي ليکڪن، اَديبن، شاعرن جي ڪافي ڪُجهہ قدرشناسي ٿي آهي ۽ لائق اَديبن کي اِنعام اِڪرامن سان نوازيو بہ ويو آهي. اِنهن جي ڀيٽ ۾ سنڌي رنگمنچ جي ڪلاڪارن، فنڪارن کي صفا نظراَنداز ڪيو ويو. اَڄ ڪير ٿو سُڃاڻي سنڌي رنگمنچ جي مهارتي ڪلاڪارن مينگهاڻي، چاچاڻي، جيون گرسهاڻي، داس طالب، آنند مٽائي، پرتاب پرسواڻي، رميش مهتا، جسونت ڪمار، سندر ٻلاڻي، گوردن ڀارتي، گوپال پنجواڻي ۽ ٻين ڪيترن سنڌي رنگمنچ جي ڪلاڪارن کي؟ منچ جي ڪلاڪارن جو جيون تہ ايستائين آهي جيستائين هوُ پنهنجي ڪلا جو جوهر منچ تي ڏيکارين ٿا ۽ پوءِ گمناميءَ جي غئب ۾ گُم ٿي ٿا وڃن.

هڪ ٻي اَهم ڳالهہ جو بہ هِت ذڪر ڪريان. منچ جي ڪلاڪارن جي هستي آهي درشڪن سان پر سنڌي درشڪ آهن ڪٿي!

چاليهن سالن کان سنڌي ناٽڪ پيو ڪريان پر سنڌي ناٽڪ، سنڌي ٽڪيٽ وٺي تہ ڏسڻ نٿا اَچن. ڪي ٢٠-٢٥ سنڌيت جا پريمي مالي مدد ڪن ٿا ۽ ١٠٠٠-٨٠٠ درشڪ ناٽڪ ڏسڻ اَچن ٿا ۽ اِنهن ١٠٠٠-٨٠٠ درشڪن ۾ بہ ٩٥ سيڪڙو بزرگ. سنڌي ٻولي سنڌيت جو ورثو تہ سنڀالڻو آهي اَسانجي سنڌي ٻارن کي پر ٻار تہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائين بہ نٿا.

سنڌي ٻار ناٽڪ گهر ۾ ناٽڪ نٿا ڏسڻ اَچن، اِنڪري سنڌي ناٽڪن

ڪتاب پڻ سنڌيءَ ۾ ڇپايائين. در اَصل اَسان مان ڪيترن عام سنڌين ليکي سنگيت معنيٰ ڳائڻ. جڏهن ڪِ ڳائڪيءَ جو پڪي سازن جي پَرن سان ئي پرواز ڪندو آهي. هونئن به سنگيت، ڳائڻ، وڄائڻ ۽ نرتيه ڪلا جو سنگم آهي. وايولن جهڙو ڏکيو ساز وڄائڻ جي باوجود اَسان هن فنڪار جي ڀرپور بي-قدري ڪئي آهي. اَسان مان گهڻن نام نهاد ڪلاڪارن جي منجهس اَک ئي نه ٻُڏندي آهي، چالاڪ هِي دوست ڪاروباري هيٺاين مٿاين ۽ داوَن پيچن کان اَڻ واقف آهي. سڀ ڪجهه سِکيو پر هوشياري / چالاڪي / مَڪاري نه سِکي سگهيو. اِنڪري ئي ته اَڄ به بنا ڪنهن جي مدد جي لوڪل ۾ سفر ڪري پنهنجي وايولن ڪُلهي ۾ لٽڪائي طئه شُدا پروگرام ۾ وقت سِر پهچي ويندو. سرل سُڀاءَ جو نهايت سِڌو سادو، فهميدو ۽ سنتوشي فنڪار آهي، جو اَڄ به توهانکي اَڪثر ڪنهن نه ڪنهن رڪارڊنگ ۾، سيتا سنڌو ڀون يا ڪنهن ڳائڪ جي سنگيت ڪاريڪرم ۾ پنهنجي وايولن جو جادو پکيڙيندو نظر اَچي ويندو. مونکي ٻُڌائيندي بيحد خوشي ۽ فخر جو اَحساس آهي ته هن جي تربيت بدؤلت اَڄ هن جا ٣ فرمانبردار پٽ سريش، راجو ۽ جگديش نه رڳو فلمي دنيا جا مشهور اَرينجر ۽ ڪمپوزر آهن، بلڪ پنهنجا رڪارڊنگ اِسٽوڊيوز برپا ڪري لڳاتار رڪارڊنگس ۾ مبتلا آهن. ٽيئي ڀائر اَڄ جي مکيه ۽ ناليرن فلمي سنگيتڪارن جا ڇهيتا ۽ ڊماند ۾ رهندڙ فنڪار آهن. ٽيئي سنگيت جي Live Shows ۾ دنيا جي اَلڳ اَلڳ ديشن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهندا آهن. سريش جڳ پرسڌ وايولنسٽ آهي. پنڊت روي شنڪر (پرسڌ ستار وادڪ) سندس ڪلا جو مشتاق هو ۽ ڪيترن پروگرامن ۾ ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. راجو اَڄ به سنگيت پروگرامن جي World Tour ۾ مشغول آهي. ٽنهي ڀائرن وٽ فرصت جي عدم موجودگي آهي.

پر ڏسو، ڳالهين جي ڳاهٽ ۾ اَجا تائين مان سنگيت ڪلا جي هن عظيم ساڌڪ جو نالو به نه ٻُنهي سگهيو آهيان. اُن فنڪار جو نالو آهي ڪنعيالعل لعلواڻي دي گريٽ. سندس عمر ۽ معيار جا ڳاڻ ڳڻيا سنڌي فنڪار ئي وڃي رهيا آهن.

ڪاش! اَسين سنڌي وقت رهندي هن جو جوڳو قدر / سنمان ڪري پنهنجو مُنهن مَرڪائي، پاڻ کي ڪلڻ هاب ٿيڻ کان بچائي سگهون.

ڪندي ڪندي جڏهن هلڻ جي ويلا آئي هليا ويندا سين ... ڪهڙو فرق پوندو ڪنهنجي هلي وڃڻ سان، دنيا رُڪجي ٿوروئي ويندي ...

هي زندگيءَ جا ناٽڪ ٿيا ٿيا پي، ٿين پيا، ٿيندا رهندا. پرماتما جي هِن سنسار جا هي سڀ کيل تماشا ناٽڪ هلندا ئي رهندا ...

ﮩﮩ

هڪ ويچار

✍ جهونو دوست

پهرين مان مرندو هوس اِسڪولي پڙهائي پوري ڪريان، ڪاليج وڃان.

پوءِ مان مرندو هوس ڪاليج پڙهائي پوري ڪريان، ڌنڌو ڌاري شروع ڪريان.

پوءِ مان مرندو هوس شادي ڪريان، ٻار ٻچا ٿين.

پوءِ مان مرندو هوس ٻار ٻچا وڏا ٿين، پنهنجي لائقي لڳن، جيئن مان پنهنجو ڌنڌو ڌاري سنڀاليان.

پر ڌنڌو ڌاري مون ڪڏهن ڪيو ڪونه، سرڪاري نوڪري ڪيم. ٻار ٻچا ڌرمپتني پاليا، ٻارن کي لائقي ڌرمپتنيءَ لڳايو. مون بس سنڌي ناٽڪ ڪيا ...

پر پوءِ مان مرندو هوس ناٽڪ بند ڪريان، رٽائر ڪريان.

۽ هاڻ مان مري رهيو آهيان.

۽ اَچانڪ من ۾ سمجهه جاڳي.

مان تہ جيئڻ ئي ڀُلجي ويو هوس ...

پيارا دوست تون ٻاڻ سان اِئين ٿيڻ نہ ڏجانءِ،

هن گهڙي هن پل جو قدر ڪر،

۽ ڏينهن ڏينهن جو آنند ماڻ.

(هي ويچار جڏهن مان سيپٽمبر ۲۰۱۳ ۾ اَشٽ ونايڪ ياترا ڪري رهيو هوس، تڏهن من ۾ آيا هئا. - چاند)

ﮩﮩ

جون ٢٠-٢٥ DVDs ٺاهيم. سي بہ گهٽن کي مفت ۾ ڪپن. هڪ سنڌيت جي پريمي شري بهاري قنداري کان مليل مالي مدد سان سنڌي فلم ''هليو آ پٽ اَئڪٽر ٿيڻ'' ٺاهي اَٿئون سا بہ سنڌي ٿئيٽر ۾ ٽڪيٽ ولي ڏسڻ نٿا اَچن سا بہ مفت ۾ ڏسڻ ٿا چاهين. فلم درشڪن کي ڏيکارڻ لاءِ بہ اِسپانسرس کان مالي مدد گُهرڻي ٿي پوي. پلا جي اَهڙي سوچ آهي تہ سنڌي ٻولي ڪيئن زندہ رهندي.

سمجهہ ۾ نٿو اَچي سنڌين جي بنا ٽڪيٽ خرچڻ جي سنڌي ناٽڪ، سنڌي فلمون اَچي ڏسڻ جي منورتي ڇو ٿي آهي. اِئين بہ ناهي، سنڌي بکيا ڏکيا آهن. ڪين پئسي جي سمرٿي ناهي. هوٽلن ۾ ڪاڏي پيتي تي هزارين رپيا دل کولي خرچ ڪندا. هندي ناٽڪ، هندي فلمون پئسا خرچي ڏسي ايندا پر سنڌي ناٽڪ مفت ۾ ڏسڻ چاهيندا. ڇڏيو سنڌي ناٽڪن جي ڳالهہ کي، سنڌي گهر ۾ پاڻ ۾ بہ سنڌيءَ ۾ نٿا ڳالهائين. پنهنجي ٻارن سان جن کي سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ورثو سنڀالڻو آهي تن سان بہ سنڌيءَ ۾ نٿا ڳالهائين. جيڪڏهن ڪنهن کان پڇبو تہ پنهنجي ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڇو نٿا ڳالهايو، سنڌيءَ ۾ ٻارن سان ڳالهائڻ ۾ توهانجو ڪو پئسو تہ خرچ نٿو ٿئي؟ تہ جواب ڏيندا ، ٻارن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ سان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ سنڌي ٻولي پئسو ڪمائڻ جو وسيلو تہ رهي ڪونهي، پوءِ اُن ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جو ڪهڙو فائدو ٿيندو. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ سان ڪو مالي مدد جو فائدو ٿئي تہ پوءِ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا. آهي نہ ڏک جي ڳالهہ. اَسان سنڌين کي اَهڙي سوچ کي بدلڻو پوندو يا تہ سنڌي ٻوليءَ کي دفنائڻو پوندو.

هاڻ فيصلو منهنجا پيارا سياڻا سنڌي توهانجو آهي ...

ها، توهين سنڌي هِتي اِهو سوال ڪري سگهو ٿا تہ جي سنڌين کي سنڌيت، سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار نہ آهي ۽ سنڌي ٽڪيٽ ولي ناٽڪ فلمون ڏسڻ نٿا اَچن، ڪو سنڌي مونکي ڇوي بہ نٿو تہ سنڌي ناٽڪ چندو چيڙو ولي ڪر، شري بهاري قنداريءَ جا لکين رپيا لڳارائي سنڌي فلم ٺاهي تہ پوءِ مونکي ڪهڙي ڪاري ڪُتي چڪ پاتو آهي جو گذريل ٤٠-٥٠ سالن کان سنڌي ناٽڪ پيو ٺو ڪريان! اِن ڳالهہ لاءِ تہ مون وٽ پيارا سنڌي هڪ ئي جواب آهي -

''نصيب پنهنجو پنهنجو، ڪرم پنهنجو پنهنجو.''

نصيب ۾ اِئين لکيل هو سنڌي ناٽڪ ڪرڻا، اِنڪري ڪريان پيو. سسئيءَ جي نصيب ۾ لکيل هو ڏونگر ڏرڻا، بيابان ۾ پڪي پڪي مري وڃڻو ... ۽ مري ويئي. اَسين بہ سنڌي ناٽڪ بوجهہ سمجهي نہ پر خوشي خوشي ايمانداريءَ سان

ڪتابي پريچيہ-

سنرچناواد، بعد سنرچناواد ۽ پوربي ڪاويہ شاستر

سنجيده اَدبي پاٺڪ کي بہ للڪاريندڙ ڪتاب

✍ نامديو تاراچنداڻي

ساهت اَڪادميءَ جي اِنعام يافتہ ڪتابن ۾ هڪ اوچ پريو ڪتاب گوپيچند نارنگ جو ١٩٩٣ ۾ شايع ڪيل ٦٠٠ صفحن جو شاهي ڪتاب، هيري ٺڪر عربي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ جيڪو تازو ٢٠١٣ ۾ شايع ٿيو آهي. اُهو هنديءَ ۾ بہ آيل آهي.

اَول تہ ٽن هزارن ۾ بہ سستو هيءُ ڪتاب فقط ٽن سوَ جي قيمت ۾ خريد ڪري مون ڪتابن جي سوُنهن وڌائڻ لاءِ رکي ڇڏيو هو. اَسان هونءَ بہ هاڻ پڙهڻ کان وڌيڪ لکندا آهيون. (فقط لکندا آهيون - اِئين چوڻ ۾ مونکي لڄ ٿي رهي آهي.) پر جڏهن هڪ اَيپاس ۾ 'بعد جديديت' بابت ڪجهہ ڇنائيءَ جي ضرورت پيئي ۽ ساهتيڪ ڊڪشنرين روايتي مطلبن جيتري نندڍي ڏاکڻ تي بهاري ڇڏيو - تڏهن 'وڪيپيڊيا' (لاک ڏکون کي ايڪ نئيِ دَوا) کولڻ لاءِ ليپٽاپ تي نظر وِڌي. پر پوءِ ياد آيو تہ هڪ نئون عجيب قسم جو ڪتاب جو آهي - ڏسجي تہ اهو ڇا جو آهي.

بس پوءِ تہ مان قابو ٿي ويس. اَڳ تہ لڳو هوم هي ترجمو ڪرڻ جي وڏي شوقيا علمبردار هيري ٺڪر جو ڪو نُسخو هوندو. پر پوءِ هاڻ لڳي ٿو - هيءَ تہ اَدبي عبادت جي ڪا اِنتها آهي.

ڪتاب جو سِرو نہ فقط اَڻ ڄاتل پيو پاسي پر اُچارڻ جي ڪوشش ڪرڻ بہ اَجائي لڳي. جيترو سنڌيءَ ۾ 'سنرچناواد' پڙهڻ ڏُکيو اوترو ئي اَنگريزيءَ ۾ Structuralism اُچارڻ ڏکيو. پر هن ڪتاب جي فهرست ۽ پوءِ ديباچو پڙهڻ سان ئي ڪتاب جي سوچ جي علم جي ڊيگهہ - ويڪر ۽ گهِرائي جي خبر پوڻ لڳي ٿي. سچ پڇو تہ ''مروج ساهتيڪ اُصولن کي للڪار'' (ص.٤٠) سان شروع ٿيندڙ هيءُ ڪتاب سنجيده اَدبي پاٺڪن کي بہ هڪ للڪار آهي.

رپورٽ :

ساهتيه اَڪادمي، نيو دهلي ۽ سنڌي اَڪادمي، دهلي طرفان سنڌي صوفي شاعري : سمپوزيم

- ڊا. چيتو لالواڻي.

ٻنهي اَڪادمين جي گڏيل سهڪار سان اِهو سمپوزيم تاريخ ٢٢ مارچ ٢٠١٤ ڏينهن وِشو يووڪ ڪيندر، چاڻڪيه پوري، نيو دهلي ۾ رکيو ويو هو.

سنڌين جي رت ۾ اَڃا به صوفيپڻي جا عنصر موجود آهن. ڇاڪاڻ جو اِهي اَسانجي پنهنجي سانسڪرتڪ ورثي سان آهن، اِنڪري اِهي هميشه رت ۾ رهڻا ئي آهن، پوءِ ڇاهي اَسين دنيا جي ڪهڙي به جڳهه تي رهندا هجون، جنم وٺندا هجون ...

صوفي شاعري، سنڌي شاعريءَ جو، هميشه لاءِ، اَهمترين حصو ته آهي ئي پر اَسان لاءِ اِهو سنڌي شاعريءَ جو بنياد پڻ آهي، ۽ قوم بنياد طرف بار بار موٽندي آهي، اَهمترين هجڻ ڪري اُن جي ياد تازه پڻ رکند، هر وقت فخر پڻ محسوس ڪندي آهي. وڏي ڳالهه پنهنجي اَندر سان جڙيل تارن کي جاڳرت رکڻ لاءِ اَهڙي قسم جي گڏجاڻين جي اَهميت هوندي آهي ...

وشو يووڪ ڪيندر جي وڏي، سينگاريل هال کي شاهي 30x10 فوٽ رنگين سائين بورڊ پيڪيدار بڻائي بيٺو هو. مهورتي اِجلاس ۾ ساهتيه اَڪادمي، دهلي پاران جناب خورشيد عالم سواگتي تقرير ۾ صوفي مت جي منڍ کان سفر، ڦهلاءَ ۽ اَهميت کي روشن ڪيو.

لڇمڻ ڀاٽيه 'ڪومل' صاحب مهورتي تقرير ۾ صوفي ڪوين ۽ اُنهن جي ڪلام جي وصيعت جو ذڪر ڇيڙيو. 'سنڌي صوفي شاعري' تي رٿيل هن سمپوزيم تي پريم پرڪاش (ڪنوينر، سنڌي صلاحڪار بورڊ، ساهتيه اَڪادمي) ڪِي-نوٽ تقرير ۾ مقصد ظاهر ڪيو. معزز مهمان ڊا. سِي. جي. ڏاسواڻي، ناليرو سنڌي ودوان، اَهڙن سمپوزيم جي اَهميت کي واضع ڪيو. سنڌي اَڪادمي دهلي جي وائيس چيئرمن ۽ ودوان ساهتيڪار، صدارتي تقرير ۾ صوفي مت جا ڪيترائي پهلوُ هائوس ۾ پيش ڪيا. پهرئين اِجلاس جي صدارت لڇمڻ 'ڪومل' عالماڻي انداز ۾ ڪئي. 'سنڌي صوفي شاعريءَ تو تواريخي پسمنظر' پيپر ڊا. جڳديش لڇاڻي، 'سنڌي صوفي شاعريءَ ۾ اهم بدلاوَ' مقالو موهن گيهاڻي، 'سنڌي صوفي شاعريءَ ۾ اَهم بدلاوَ' (ٻِي نقطه نظر کان) مقالو نند جويري، 'سنڌي شاعريءَ جي حوالي ۾ صوفيواد : رهسيه واد' مقالو واسديو موهي، 'سنڌي صوفي شاعرن جي تخليقي ٻولي : شاهه' مقالو وينا شرنگي، 'سنڌي صوفي شاعرن جي تخليقي ٻولي : سچل' مقالو مينا روپچنداڻي، 'سنڌي صوفي شاعرن جي تخليقي ٻولي : سامي' مقالو ڪيمن موٽاڻي ... سڀني مقالا نويسن مقالا پنهنجي عالماڻي سوجهه ٻوجهه سان پيش ڪيا.

اَرجن حاسد صاحب جي صدارت ۾ ٻيون اِجلاس - 'سنڌي صوفي شاعريءَ ۾ جماليت' تي ٻن مقاله نويسن وٺان لکيل پيپر پيش ٿيا : هڪ ڪملا گوڪلاڻي، ٻيو ڄيا جادواڻي. وري 'سنڌي صوفي شاعريءَ جي مخصوص پهچان' تي به مقالا پيش ٿيا - لڇمڻ دبي ۽ موهن همٿاڻي. 'سنڌي صوفي شاعري اڄ جي حوالي ۾' اَرجن چاولا صاحب پيش ڪيو سهڻو مقالو.

ٽئين اِجلاس جو صدر واسديو موهي هو. 'شاهه جي شاعريءَ ۾ سورميون : علامت' تهت ليلا، مارئي تي گوورڌن شرما گهايل، مومل، نوري تي هوندراج بلواڻي، سهڻي، سسئي، سورٺ تي آشا رنگواڻي سهڻا مقالا پيش ڪيا. ته ڪلاڌر متوا 'سنڌي لوڪ جيون ۾ صوفي ڪلام' تي سٺو مقالو پڙهيو.

ٽنهي اِجلاسن جي صدر صاحبن نه صرف مقالن تي راءِ پيش ڪئي، بلڪ صوفي شاعريءَ تي به ويچار پيش ڪيا. آخر ۾ پريم پرڪاش ڪُل تاثرات ۾ سمپوزيم جي سهڻي ڪارگرتا تي رايو پيش ڪيو.

توهان جا خط ...

پيارا نند،

ڪونج جا پويان ٻئي اَنڪ لاثاني آهن. جڳت آڏواڻيءَ ۽ صاحب بجاڻيءَ جو ساهتڪ جڳت ۾ يوگدان، اَنوکو، ڪجهه اَلڳ آهي. پاٺڪ اهو ڏسن ٿا اَلائي نه. صاحب مان اَسان سڀ پنهنجو ڪم ڪڍي چُپ ٿي ويندا آهيون، ڪيس ’ٿئنڪ يوُ‘ به ڪونه چوندا آهيون. جڳت آڏواڻي هڪ لاجواب ترجمان هئو، اَهڙو ڪو ٻيو ته ڪونه ٿيو آهي. نارايڻ شيام جي شاعريءَ کي محسوس ڪرڻ، اَسانکي، هُن سيکاريو.

هيءُ ٻيو اَنڪ لال هرداساڻيءَ ۽ نوتن تولاڻيءَ جو، هڪ ٻيو درشن آهي ساهتيه جو. نوتن ڇاپا جون ڪهاڻيون ته اَسان سڀ پڙهندا رهيا آهيون، مُلهه ڪٿڻ ڪونه ايندو هئو. تو چتر، رنگ، ڀاوَ ويهي پسايا آهن. رتن دلبر کي به پڙهيو اَٿئون. وقت جي پنن ۾ گهڻو ڪجهه ويڙهيو پيو آهي. جيرام روپاڻيءَ جي ليک جا ٻه صفحا لاجواب آهن، ”ڪُڇان نه پڇن مُڇان“ ”پيئڻ مهل اِئين آيا جئن گوسائينءَ جا ڪُتا“. هوُ صاحب جيسين خارجي آهي ته واهه واهه، داخلي بڻجڻ سان چش هلي ٿي وڃي. وينا شرنگي اَڇا به آڪاشواڻيءَ تان پيئي ٿي ٻالهائي. ڪلاڌر متوا ٻنيءَ جي سونهن آهي، شل هرڪنهن کي پنهنجي ڌرتي نصيب هجي. مهيش چندر لاءِ ’پدم شري‘ کهڙي ڪم جو آهي. هن کي لال هرداساڻيءَ جهڙو دلبر دوست مليو آهي، سنڌين مهيش چندر کي ڇا نه ڏنو آهي. پرماتما ايترو ڏئي، جيڪو جهول ۾ ماپي سگهي، سرڪار ڪيس ڇا ڏيندي. اَحسان ڇو ڪڻجي.

- اَرجن حاسد

۲۹ ميءِ ۲۰۱۴،

گوري گانءُ (ممبئي)

پريه سڄڻ، ’ڪونج‘ جي منهنجي پنهنجي ڪاپي، مونکي ڪالهه ٻڌر ۲۹ ميءِ تي، نيپال ۾ ملي. اُن کان ٻج ڏينهن اَڳ، اُها پئنچايت جي دفتر ۾ آئي هئي، جتان مان پڙهڻ جي لاءِ ڪڍي آيو هوس ۽ پوءِ موٽائي ڏنم. هن اَنڪ ۾، صفحه ۵۸ تي پن-ڪوڊ غلط ڇپيل آهي، هڪ جي عيوض ٻه، اِها

٦٠٠ صفحن جي هن ڪتاب ۾ اُنن صفحن جي فهرست ۾ ئي ڪافي دَءُ تي وڃي ٿو. پوءِ جي ٻارهن صُفحن جي پومڪا (ديباچو) ۾ پتو پوي ٿو تہ هيءُ ڪتاب ڪو ’ٽيبل ورڪ‘ نہ آهي، اهو ڏهاڪو سالن جو سوچ ۽ فڪر جي بحث-مباحثي جي لنبي هلچل جي ترتيب جو انجام آهي. جن ۾ ڪيترن سارن عالمن جي سِڌي-اَڻسڌي حصيداري بہ آهي. خود ليکڪ چوي ٿو تہ - ”فڪر ۽ خيال تہ فلاسافرن ۽ نظريا جوڙيندڙن جا آهن. سمجهاڻيون ۽ معنيٰ رَسائي اَلبت منهنجي آهي.“ (ص.xxi) structuralism، Semiotics (Semantics سان وابسطہ) اَرٿ وگيان متعلق ڪتاب ۾ ليکڪ چاهيو آهي تہ - ”ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ فڪر ۽ غور جي راهہ کليل رکجي ۽ سوچ سمجهہ جو عمل چالو رکيو وڃي. هي ڪتاب ان ڏسا ۾ ئي هڪ قدم آهي.“ (ص.xvii)

ساهتيڪ تنقيد طرف نوان رُخ ڏيندڙ، چيزن ۽ نشانين جي شاستر جي وگيان سان وابسطہ ڳوڙهي اَپياس واري اُردوءِ ۾ لکيل هن ڪتاب جو وشيہ اَدب جي ٿيئريءَ جي عالمي سوچ جي سُڃاڻپ ۽ ڪنهن حد تائين پرک ڪرڻ جو آهي. ڪتاب ۾ ڪُل چار ڀاڱا آهن. جن ۾ ڪُل اُڻويهہ باب آهن. هر ڀاڱي بعد ريفرنسز ۽ آخر ۾ لغت - شبداولي ڏنل آهي. ليکڪ جي هدايت آهي تہ پهريان باب پهرين پڙهڻ سان لکيت جا اُصولي اِسباب سمجهڻ سوَلا ٿيندا. پر مون جهڙا اَڏير پاٺڪ آخرين بابن (بعد جديديت پارتي پَس منظر ۾ يا ديريدا ۽ مارڪسواد، يا وري تنقيد جي نئين ماڊل ڏانهن) ڏانهن ڏُڪ پائڻ جو موهہ شايد ئي ڇڏي سگهن.

هن ڪتاب جي ٻولي سنڌ جي پاٺڪن لاءِ وڌيڪ موزون آهي. اُردوءِ تان ترجمو ٿيڻ ان جو هڪ سبب هوندو يا هيري نڪر جي اها Mastery بہ هوندي - يا اها سُڃاڻي بہ رکيل هجي. پر مونکي تہ ڏاڍي ڏُکي پر ڪشش ڪندڙ ۽ وڻندڙ لڳي اهي. لڳي ٿو، ڪو ڪتاب ترجمو ڪجي تہ اَهڙو ڪجي، نہ تہ مون وانگر پل ڪجي ئي نہ!

ꕤꕤ

کڏ ٿي ويندو پر ڏرمشالا جو نالو ’سنڌي‘ ئي رهندو.“ نيٺ هرداسائيءَ کي چوڻو پيو، ”ريلوءَ تون ڪهڙي حيثيت ۾ انڪار ڪري رهيو آهين؟“
”ٽرسٽ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾.“
”نه، ٽرسٽ جواب ڏئي. ميٽنگ سڏاءِ، پوءِ اُن ۾ ڪهڙو به فيصلو ورتو وڃي.“
ٻئي ڏينهن ميٽنگ ۾ ٽرسٽ جي پريزيڊنٽ خواهه ميمبرن يڪراءِ فيصلو ورتو ريلوءَ جي حق ۾. پر پوءِ به لال ڏرمشالا لاءِ هر طرح جي مدد ڪئي. اَڄ به اُها ڏرمشالا قائم آهي. ڊبل بيڊ جا اَرڙهن ڪمرا، هڪ ايئر ڪنڊيشنڊ هال ۽ نهايت سندر مندر جتي سنڌي سنتن جون سنگمرمر جون، اَڪين ٺار مورتيون موجود آهن ۽ ڪمرن جي وچ ۾ شاهي ايوان. اِهو سڀ ١٩٩٢ تائين ريلوءَ جي حيات هوندي ئي راس ٿيو هو.
ڪجهه سال اَڳ مان گانڌيڌام ويو هوس ته اُتي ”ريلوءَ هال“ نالي جو بورڊ لڳل ڏٺو هوم. ريلو جُون ١٩٩٣ ۾ پرلوڪ پڌاريو، سنت ئي پريزيڊنٽ پڻ اَگم ديش ڏانهن راهي ٿيو. ٽرسٽ جي باقي ميمبرن ۾ اَهڙو ڪو ڪونه جاڳيو جيڪو باقي رهيل اِن ڪاريه کي سراَنجامي ڏئي. پر ڪيئن به ’سنڌي ڏرمشالا‘ ڪهڙي به حال ۾ قائم آهي. ديکڀال لاءِ مئنيجر آهي، ياتري به ڪُڪ، سهنج ماڻين پيا.

- هري همٿاڻي

٢٠١۴-۵-٢۴
آديپور.

پيارا نند، سدائين باغ بهار هجين.
’ڪونج‘ نيم سان ملندي آهي، مهرباني. ڪونج اُڏري پيئي ٿي، اهو ڏسي خوشي ٿيندي آهي. تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ خاص ڪري تندرستيءَ جي خيال ڪان. ڏس، ڪڏهن وقت ڪڍي خط لکي سگهين ته مونکي سٺو لڳندو.
قربن مان،

- ستيش روهڙا

٢٠١۴-٣-١٢
اُلهاسنگر-۵.

مانوارا ڀاءُ نند ڇڳاڻي، شري ڏرمپال گپتا ٨٠-١٩٧٠ ڌاري اُلهاسنگر جو راشٽريه سويه سيوڪ سنگهه جو نگر ڪاريواهه مون جهڙن سوين جوان سويه

غلطي سالن کان وٺي هلندي ٿي اَچي ۽ توجه ڪونه ڏنو ويو آهي. صفحه ٨٧ تي پڇاڙيءَ ۾ سنڌيڪار ڇپيل آهي. سنڌيڪار جو نالو ڪونه ڏنو ويو آهي. کهڙي پاشا تان ڪٽيو ويو آهي ۽ اُن ليکڪ يا ڪتاب جو نالو ڏيڻ نهايت ضروري آهي. هن اَنڪ تي ٻه ٽڪليون لڳل آهن، پنجن ۽ ٽن روپين جون، يعني ڪُل اَٺ روپيه. پئنچايت جي آفيس ۾ آيل پرچي تي اُٺويهن جون لڳل ڏنم. هيءَ کهڙي ماجرا آهي؟

- ڪرشن چيتانند هيمراجاڻي

(سنڌيڪار - نند ڇڳاڻي - TOI جي سپيڪنگ ٽِري)

2014-5-28

اَجمير.

پيارا نند، ڪونج جو تازو اَنڪ پهتو. ڪوَر تي هانگ ڪانگ جي سدابهار شخصيتن جا فوٽا، سچ ته سنڌي جاتيءَ جو شان آهن. اِها ڪهاوت ”ٻه ته ٻارهن“ ٻنهي سان ٺهڪي ٿي اَچي. نوتن تولاڻيءَ ’ڇايا‘ تخلص سان سنڌي اَدب کي اَئردار ڪهاڻين سان نوازيو آهي. اُن رفتار اَڳيان ڪا اڙ نه اَچي ها ته ساهتيه جو گهڙو گهڻي حد تائين ڀرجي چڪو هجي ها. پر سنڌس کي مجبوريون، مشغوليون هونديون پر پوءِ به سنڌس ڇاپ ميساري ناهي.

شري لال هرداساڻيءَ کي مان تڏهن کان سُڃاڻان جڏهن منهنجو پاڻيو ريلوُ همٿاڻي گانڌيڌام ۾ اِسٽيشن ۽ بس اِسٽئنڊ جي پاسي ۾ ڪنڊلا پورٽ ٽرسٽ کان ٻن هزار ڪن گزن جو پلاٽ حاصل ڪري ڌرمشالا ٺهرائي رهيو هو. نالو رکيو هئائين، ”سنڌي ڌرمشالا“. نرماڻ جو ڪم چالوُ هو. تن ڏينهن شري لال هرداساڻي آديپور آيل هو. مُلاقات ۾ هُن ريلوءَ کي چيو، ”سنڌيت جي اِن ڪاريه ۾ مان توهانجي ٽرسٽ کي پئسي-پنجڙ ۾ هر طرح جي مدد ڪندس. ڌرمشالا تي نالو منهنجي پوج پتاجن جو ڏيو.“ ريلوءَ چيو، ”توهان ڪيتري به مدد ڪريو، اَسانکي خوشي ٿيندي پر نالو ’سنڌي ڌرمشالا‘ ئي رهندو.“ هرداساڻيءَ کي عجب لڳو، ايڏي آفر کي هوُ ڪيئن ٺڪرائي رهيو آهي! اَهڙو ذڪر مون سان سدا حيات گوبند مالهيءَ پڻ ڪيو هو جو هوُ اُن موقعي تي اُتي هئو. نرملا گجواڻيءَ ته ريلوءَ کي ٻانهن کان ڇِڪي پاسيرو وٺي چيو، ”ريلوُ تون هئڙو سونهري موقعو ڪيئن هٿان وڃائي رهيو آهين؟“ پر ريلو پنهنجي اِرادي تي اَٽل هو. چيائين، ”پئسو پوءِ به

ست جي روحاني ۽ ٻِين معنيٰ سنڌيءَ ۾ سمجهائي ويئي آهي ۽ ڦي سگهي ٿو ڪٿي غلطي بہ ٿي وئي هجي، ڇاڪاڻ جو 'Man is imperfect. God is only Perfect.'

اَوهان جي مايہ ناز رسالي 'ڪونج' ۾ شايع ڪندا ۽ بہ اَڪر همت افزائيءَ جا لکندا تہ ٿورائتو رهندس. شڪرگذار رهندس. اَڄ تائين سنڌيءَ ۾ اَهڙو ڪوبہ پستڪ ڪونهي، هي ورلڊ ۾ پهريون سنڌي انواد آهي 'ساوتري' جو، جو ڏاڍو ڏکيو پستڪ آهي.

مهاڻ پرنسيپال ڪي. ايم. تلريجا صاحب جو لکيل آهي. مهاڻ پڙهي توهانکي ڪتاب جو ٿورو اَندازو ۽ جائزو ملي ويندو ۽ وڏيڪ سُک.

آسرو نام جو! دُعا ڪندا درويش!

اَوهانجو پاڻ،

- ڊاڪٽر ايس. ڪي. پُنشيِ

❧❦ ❧❦

۲۰-۳-۲۰۱۴

ناگپور.

جناب برادرم شري نند ڇڳاڻي،

'ڪونج' جو مارچ-اَپريل ۲۰۱۴ جو پرچو مليو آهي. ''شڪايت آهي تہ پاڻ سان / ها جيئون ٿا ضرور / پر پاهران - پاهران.''

مونکي پڻ پنهنجو پاڻ سان شڪايت آهي ... شِڪوا آهي ...! ساليانو چندو اَپريل ۾ موڪليندس. معاف ڪندا.

نيازمند،

- پريم جوتواڻي

❧❦ ❧❦

۲۲-۵-۲۰۱۴

اَحمدآباد

مانوارا نند ڇڳاڻي صاحب، نمستي!

سدائين پريوار ۽ اَدب دوستن سان سرها هوندؤ. ڪونج - سنڌي اَدبي ڊائجيسٽ مي-جون ۲۰۱۴ جو پرچو اَدبي خوشبوءِ کڻي آيو - جنهن تي سنڌين جو شان رکندڙ ٻن هيرن جا فوٽو ڇپيل هئا - هڪ هئو نوتن تولاڻي

سيوڪن جو مارڳ-درشڪ ۽ آدرش رهيو. اَڄ به اهي جوان جيڪي هينئر ٦٠ سال پار ڪري چڪا آهن، سي ڌرمپال گپتا جي آدرشي جيون کي عزت سان پرڻام ڪندا آهن.

ڪونج ۾ سندن رچنائن کي توهان جوڳي جاءِ ڏيندا آهيو، ان جي لاءِ اَوهانکي واڌايون. ڪونج مارچ-اَپريل ٢٠١۴ ۾ ڌرمپال جيءَ جي خوبصورت رچنا 'حرام' دل کي ڇُهي ويئي. هن رچنا کي جيڪر مان شاهڪار چوان. سون جهڙي دل رکندڙ رچناڪار جي پاوڪ رچنا هر حساس دل پاٺڪ جي دل کي ڇُهندي.

قربن مان،

- اوم لالواڻي

2014-4-7

ڀوپال.

پيارا ڀاءُ نند، نمسڪار!

توهانجي ڪونج اَسانجي دلين کي لُڀائيندي آهي. گڏوگڏ راحت بخشيندي آهي. پر ڪونج جي Frequency کٽڪندي آهي. اِها ڪامنا آهي ته مخزن هر مهني سپني پاٺڪن جي هٿن ۾ پهچي ۽ پنهنجي منڙي اَباڻي ٻوليءَ سان نينهن لڳائن.

مان ٽن سالن جو چندو مخزن ڪاڻ موڪلي رهيو آهيان.

توهانجو ڀاءُ،

- ڪي. ٽي. دادلاڻي.

2014-4-22

اَمراوتي.

آدرڻيه نند ڇڳاڻي صاحب، سمپادڪ 'ڪونج'

عرض ته هڪ ڪتاب 'ساوتري' سنڌي ۾ انواد ٿيل موڪلي رهيو آهيان. اَهڙي سوچنا اَوهانکي اَڳين خط ۾ موڪليل آهي ته ساوتري تي پستڪ قلمبند ڪري رهيو آهيان.

نٺڙي ٻڌيءَ اَنوسار 'مهارشي اَروبندو گهوش' جو اَصل اَنگريزي پستڪ جو سنڌيءَ ۾ الٿو ڇٺو، انواد ڇٺو، ترجمو ڇٺو. فرق اِهو آهي، هڪ هڪ

جي ڳالهه آهي. ملاقات ڪرڻ سان روح کي راحت - دل کي دلجاءِ - من کي موج ۽ آتما کي آنند پراپت ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ ڳچها ڏک هڻڻ ۾ هر فن موَلا آهي. اَسان جي ايشور در اها ئي پرارٿنا آهي ته صحتمند آورجا ماڻي ۽ سنڌيت جا گهڙا ڀريندو رهي. منهنجي خيال ۾ نارايڻ ڀارتي سنڌس گهرو دوست آهي. اُن کي چڙيندو ڪونه آهي.

ڀيو شُڪ. لکڻ ۾ ڀُل چوڪ ٿي هجي ته معاف ڪرڻ جي ڪرپا ڪندا.

هي ٻه سٽون لکو ته بهتر ٿيندو. ڏاڍو وڻنديون آهن.

ڀڏائڻ سان ته غم جو بار گهٽجي ٿو،

مگر 'راهي' وڃي مرڪنهن کي پنهنجو غم ٻڌائڻ پيءِ مصيبت آ.

(راهي)

شيوا ۾،

- چنڊيرام هوتواڻي

پونا.

پيارا ڀاءُ نند، سنڌو يوٿ سرڪل ڀاران ساليانو باتصوير رسالو 'سنڌو' توهانجي سمپادڪيه سرپرستيءَ سان شايع ٿيل، مونکي موڪلڻ لاءِ لک مهربانيون. پرچي ۾ پيش ڪيل مواد مان ڪي ليکه ور ور پڙهيا اٿم جو انهن کي پڙهي دل ڪونه ڍاپي آهي. اَدب جي ناياب ڪهنن ورقن مان موتي مثل موضوعن کي سونجهي، سموئي 'سنڌو' ۾ شايع ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون خوب برثواب ڪيون اٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي جاڻ ۽ علميت جو ڪمال سندس ٿن تحريرن مان عيان آهي. هن صاحب اِتهاس جي اونده ۾ ڏٺيل سنڌي لفظن کي کاڻ مان ڪوٺي روشنيءَ ۾ آڻيندي، سنڌ جي هن اَداڻي صدين اَڳه جو اولڙو بخوبي پيش ڪيو آهي، جنهن جو منظر پاٺڪ کي پسڻ ٿو اَچي. ڊاڪٽر صاحب پڻ ان وقت ۽ اَڳ جي شاعري جي لفظن جي وڏي جفاڪشي سان وضاحت ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب جون تحريرون، تحقيقات جو واقعي نادر نمونو آهن ۽ ساهتيه پريمين جي ڪتب خاني ۾ سانڍڻ وٽان آهن.

گلقند مان ڏنل پهاڪن کي پڙهي پنهنجي امڙ پيئي ياد اَچي جو هن جي زبان مان عام جام اهي پهاڪا ٻڌبا هئا. پهاڪن کي 'سنڌو' جي

صاحب ۽ ٻيو لال هرداساڻي صاحب. هنن جيڪا هانگ ڪانگ ۾ رهي سنڌيت جي شيوا ڪئي آهي، سا ڪنهن کان بہ وسارڻ جهڙي نہ آهي. ٻنهي سنڌيت جي شيدائن جون بايو-ڊيٽا ۽ تفصيلي مضمون اُنهن تي پڙهي دل ۾ ڪافي اُتساهہ پيدا ٿيو. دادا اَرجن حاسد جي 'خون' ڪهاڻي پڙهي - جنهن ۾ ڪافي سسپينس هو ۽ لکڻ جي اَلڳ شئلي هئي - جنهن جو مطلب آخر ۾ سمجهہ ۾ اَچي ٿو - شوڪت حسين شورو جي 'سنڌي ڪهاڻيءَ جا هڪ سؤ سال' مقالا پڙهي ڪافي نئين سوجهہ-ٻوجهہ آئي. شعر وڀاڳ بہ ڪافي متاثر ڪيو، خاص ڪري دادا اَرجن حاسد جو غزل، رهبر شاعر واسديو موهيءَ جو غزل، گوپ ڪمل ۽ گورڌن شرما جو غزل ڪافي پسند آئي ۽ ٻي شاعري بہ تعريف ڪرڻ جوڳي هئي ۽ بس.

اَوهانجو، قربن مان پنهنجو،

- جئرام چمناڻي

اُلهاسنگر-٣

برادرم شري نند ڇڳاڻي صاحب، سدائين باغ بهار!

ڪونج جو مي-جون جو پرچو ''ہ تہ ٻارهن'' عمدو پرچو هٿ ۾ آيو. ''نوتن تولاڻي - لال هرداساڻي'' ٻئي شخص شڪل جا شاندار - وٽندڙ مکڙا ۽ سهڪار ۾ اَڳرا - ٻريو ڪين صحت پري وڏي آورجا بخشي جو آئينده بہ سنڌيت جا گهڙا پريندا رهن. مونکي خاص ڪري چنڊ جي (يونيفارم) ڊريس ڏاڍو متاثر ڪيو - ڪاري ٽوپي ۽ ڪارو ڪوٽ (سدري) اَڇي خميص ۽ اَڇي پتلون. اَسان جي اُلهاسنگر ۾ ڊريس گهٽ ڪري نظر نہ ايندي آهي. جيتوٽيڪ پروگرام ڏاڍو سٺو ٿيندو آهي. ايشور ڪندو سٺو ٿي رهندو. جئرام روپاڻيءَ جو ٻن هنسن جو جوڙو ڏاڍو وڻيو. ليکڪ جي ڀاڪن جو لکڻ ڏاڍو متاثر ڪيو. هڪڙي فلم ''هير رانجها'' ان ۾ ڊائلاگ تمام گهڻا هئا ۽ سهڻي نموني پيش ڪيا ويا هئا. ليکڪ کي اَسان جي طرفان ڪوڙ-ڪوڙ مبارڪون ۽ واڌايون. شري نوتن تولاڻي - لال هرداساڻيءَ لاءِ شويا رام لعلچنداڻي جا ليک بہ سنا آهن. وينا شرنگيءَ جي ملاقات بہ وٽندڙ هئي. ڪتاب ۾ فوٽا بہ سهڻي نموني پيش ڪيا ويا آهن. مطلب تہ هر لحاظ کان ڪونج بهتر آهي. شري نند ڇڳاڻي منهنجو سٺو ساٿي آهي. شڪل جو موهيندڙ - ڪلائڻ ۾، سمجهائڻ ۾ تمام قابل ۽ ماهر آهي (جنهن کي ڏات ڏني ڇڳجي تہ وڏاءُ نہ ٿيندو). هن سان ملاقات ڪرڻ ڏاي آنند

”سنڌڙي تنهنجو نانءُ موڙ نہ مٽبو دل تان“

(سنڌڙيءَ جي ٽن ماروئڙن جي پُٽي جي سنڌين پاران پيڪيدار آجيان ۽ آدر ستڪار)

پُٽي جي سنڌين لاءِ منگل ١٧ جون جو ڏهاڙو اَڻ وسرندڙ ڏينهن تي رهندو جڏهن سنڌڙيءَ جا ٽي سپوت : ڊاڪٽر پروفيسر اَدل سومرو - سنڌ جو نامور شاعر ۽ اَديب، حميد ڀٽو - صحافي ۽ ٽي.وي. ريڊيو پروڊيوسر، بادل راهي - ميوزڪ ڊائريڪٽر ۽ گائڪ، سادو واسواڻي جي پڙهہ ڀومي پُٽي ۾ پڌاريا. سندن پُٽي ۾ اَچڻ جي خبر سان سنڌي اَدب نواز حلقن ۽ معزز شخصيتن ۾ خوشيءَ جي لهر ڪرڙجي ويئي.

سنڌي اَدبي سڀا پُٽي ۽ ڀارتيہ سنڌو سڀا ٽنهي جي مانَ ۽ آدر ۾ منگل جي شام جو فنڪشن منعقد ڪيو. ٻنهي سنسٿائن سان گڏ سادو واسواڻي مشن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ سهڪار ڏنو.

فنڪشن جو آرنڀ سادو واسواڻي جي نماڻي مورت اَڳيان آرتي ۽ جوت جلائڻ سان ڪئي ويئي. جنهن جي شروعات مشن جي چيئرپرسن دادي رتنا واسواڻي ڪئي ۽ شريمتي نرملا جوتواڻي پرارٿنا سان ڀرو ورتو.

ستت ئي هي ٽيئي مهمان هال اَندر داخل ٿيا تڏهن حاضرين هنن جي گرمجوشيءَ سان تاڙين جي ڦهڪن سان آجيان ڪئي.

مانواري دادي رتنا واسواڻي چيئرپرسن سادو واسواڻي مشن پُٽي، ٽنهي شخصيتن جو سنڌ سڀوڙي ۾ پير پري اَچڻ تي آجيان ڪندي چيو تہ مان مشن طرفان هنن جي تهدل آدر ٿي ڪريان. هن وڌيڪ چيو تہ مونکي خوشي آهي جو هو سادو واسواڻي مشن جي پوتر ڀومي تي پڌاريا آهن ۽ زيارت سمان ثواب حاصل ڪيو اَٿن. دادي رتنا واسواڻي مشن پاران ٽنهي کي گلن جي مالهائن سان سنمان ڪيو، پڪرون پاتيون ۽ پڻ ناريل پيٽ ڪيا.

سنڌي اَدبي سڀا ۽ ڀارتيہ سنڌو سڀا طرفان ٽنهي ماروئڙن کي گلن جي هار ۽ پڪرن سان جنجهيو ويو ۽ ناريل پيٽ ڪيا ويا ۽ مانپترن ۽ شيلڊن سان نوازيو ويو.

اَدل سومري پنهنجي خطاب ۾ سادو واسواڻي مشن جا بيحد شڪرانا ۽ مهربانيون مڃيون. هن چيو تہ اَسين سچ پچ وڏ ڀاڳي آهيون جو اَسانکي سادو واسواڻي جي پڙهہ ڀومي تي پير رکڻ جو موقعو مليو آهي. اَسانجي

صفحن ۾ شايع ڪري، ان نهي جي ہولي، ان وقت جي ڏاهپ ۽ ڏاڻ ۽ ڪي اجاڳر ڪيو اَٿوَ.

سنڌ جي اوچ ۽ نامور ليکڪا ماهتاب محبوب جو مصروف ۽ گهڻ پاسائي شخصيت : رسول بخش پليجي تي خاڪو پڙهي دل خوب داد ڏيڻ بنا رهي نٿي سگهي. ليکڪا نهايت دلڪش پيراڻي هن جي شخصيت جو هر پهلوءَ کي نظر هيٺ آندو آهي.

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي جو لڇمڻ ڪومل تي ليک تمام دلچسپ آهي. لڇمڻ ڪومل جي هر پهلوءَ کي واضح ڪرڻ ۾ ليکڪا خوب ڪامياب ٿي آهي.

لڇمڻ ڪومل صاحب جو ليک، دهليءَ جي پئنچن ۽ مُکين جي دورانديشي ۽ سخت جفاڪشيءَ سان سنڌي نونهالن کي تعليم يافت ڪري پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو اِتهاس آهي. انهيءَ اِتهاس کي قلمبند ڪرڻ لاءِ ڪومل صاحب جام ڪيرون لهڻيون.

واسديو موهيءَ جي ڪهاڻي، جيڏو سندس اَدب ۾ نانءُ آهي، ايڏي ئي دل کي ڇهندڙ دلڪش ڪهاڻي پيش ڪئي اَٿس.

سريچند ڪيسواڻي جي ڪهاڻي : رشتن جو ٻوجهه جو پلاٽ، واقعي سگهارو پلاٽ آهي. ليکڪ مان بهترين ڪهاڻين جي اُميد رکي سگهجي ٿي.

رسالي ۾ ٻين جا ليک دل تي ڪافي گهرو اَثر ڇڏين ٿا. شاعري وياڳ ۾ ڪن نامور شاعرن جا شعر داخل ٿيل آهن. سنڌو يوٿ سرڪل جي ميمبرن - ڪاريہ ڪرتائن جي لکيل شاعريءَ کي پيش ڪرڻ سهاويڪ آهي. ان ساڻ، سال جي بهترين تخليق ڪيل شاعري يا شاعريءَ جي اَٿاهه سرمايہ مان اعليٰ شاعري پيش ڪرڻ سان پرچي ۾ نثر سان چڱو تال ميل ٿئي ها.

ٿوري ۾، سنڌي رسالا نويسيءَ ۾ هي پرچو تاريخي حيثيت رکندڙ آهي جو ان ۾ زندگي ۽ روزمره سان لاڳاپيل موزون کي پڻ پرچي ۾ جاءِ ڏني ويئي آهي.

توهانجي اَنيوي سمپادڪيہ سرهاڻ سان سمايل هي پرچو سنڌي مخزن جو ٻاٽ تمام اوچو ٿو رکي.

- اَرجن مونواڻي

National Council for Promotion of Sindhi Language

(An Autonomous Organization
under Ministry of Human Resource development)

راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد

(OUR SCHEMES)

The Council was established by Government of India, Ministry of Human Resource Development for propagation, promotion and development of Sindhi Language. The Council invites applications for the following schemes for the financial year 2014-2015.

1) **Awards:-**

a) **Two Life Time Achievement Awards**

- Outstanding life-time contribution to the cause of Sindhyat, Sindhi language and art, culture and Sindhi Social issues.
- Outstanding Sindhi Literary achievements and life time contribution to the enrichment of Sindhi Language.
- Life-time achievement for overall outstanding literary contribution and education.
- Best literary work of the year.

b) **10 (Ten) Sindhi Merit Awards**

- Books published from 01-01-2011 to 31-12-2013 would only be entertained
- Winner of the "Sahitya Academy" (Central) Award shall not be considered.
- The Authors who have received the Award under this scheme are entitled after lapse of six (06) years.

The award committee of the council has categorized for Sindhi literary works ten awards for the years 2014-2015 into following categories:-

Poetry, Fiction (Short story, Novel, Drama), Non-fiction, Translation, Performing and Fine Art, Debutant Writer, Journalism and Research work about Sindhi Literature, Art etc.

2) a) **Bulk Purchase of Sindhi Books/Magazine/ Audio-video Cassettes/ CDs/VCDs/DVDs for free distribution to Educational Institutions/ Schools/Colleges/Public Libraries.**

- Books published from 01-01-2011 to 31-12-2013 would only be entertained.
- Audio-video Cassettes/ CDs/VCDs/DVDs produced from 01-01-2011 to 31-12-2013 would only be considered.
- Audio-video Cassettes/ CDs/VCDs/ DVDs should be received by the Council in good condition with proper packing.

b) **Purchase of Copies of Sindhi reference Books.**

Like Encyclopedias books of knowledge, anthologies and compilations bibliographies and dictionaries.

The Organizations/Sindhi School Libraries/ Sindhi Panchayats etc who are interested in Sindhi books under Bulk Purchase may send their

هي زيارت ئي آهي. اَدل صاحب، ساڌو واسواڻي جي پوتر وچنن جو حوالو ڏيندي چيو تہ اِنسانيت ۽ غريبن جي شيوا وڏي ۾ وڏو ڌرم آهي. هن وڌيڪ چيو تہ اَسان سڀني جو، سنڌ ۽ سنڌي ٻولي سبب اَڄ مٽ ڳانڍاپو آهي. حاضرين ان اِظهار جو تاڙين سان سواگت ڪيو.

موسيقار ۽ گائڪ بادل راهي پنهنجي بلند آواز ۾ سوز سان ڪلام ڳايو جنهن جا ٻول وطن جي جذبي سان پُر هئا. جلسي جو ماحول ان جذبي سان سرشار ٿي ويو ۽ حاضرين بادل راهي کي داد ڏنو.

آخر ۾ ڊاڪٽر نيلم چاڙيا سڀني جي شڪرگذاري مڃيندي هنن ٽنهي مهمانن جي حاضرين کان رخصت ورتي. صبوح جو پُڻي ۾ هنن سڄڻن جي پهچڻ سان، ٿائينڪو ٿيڻ بعد، هنن جا پير ازخود دادا واسواڻيءَ جي 'درشن' ڏانهن ڇڪجي ويا. شري گهايل صاحب اتي هنن جي ياترا لاءِ جوڳو بندوبست ڪيو هو. اتي ڪين بهترين آجيان مِلي ۽ هنن پاڻ کي دادا واسواڻيءَ جي مخاطب محسوس ڪيو. دادا جي وچنن هنن کي پرڀاوِت ڪيو ۽ سندن ڪنڌ ور ور دادا اَڳيان جهڪي ٿي ويا. 'درشن' جي ياترا ڪانپوءِ هنن جي چهرن مان انتها خوشي بکي رهي هئي. هنن جي ياترا سڦل هئي. دادا واسواڻي جي مشن ۽ 'درشن' جي ياترا سڦل هئي.

پُڻي شهر جو واٽ ساٽ ۽ دلچسپ هنڌن تي وٺي ڏيکارڻ جي جوابداري اندرا پوناوالا شبنم پاڻ تي هموار ڪئي هئي. ان ڏينهن منجهند جو، شري ڪمليش مورجاڻي ۽ رات جو شريمتي وجيا ٽيڪسنگهاڻي، هنن ٽن سڄڻن جي اعزاز ۾ پنهنجي گهر ڊنر موڪلائي هئي. ڊنر ڇا هئي موڄ ڀري محفل هئي، جنهن کي شري گورڌن محنت سان سموئيو هو. بادل راهي پنهنجي آواز جي تاثير ۽ آندل ساز سان سڀني کي خوب جهومايو. ايتري قدر جو اندرا شبنم جي پيرن ۾ جنبش آئي ۽ هوءَ جهمريون پائي فرش تي نرتيہ ڪرڻ لڳي.

هن ڏينهن جي ڪل پروگرام، سڄڻن کي سهج ۽ سمر ميسر ڪرڻ جو سهرو شري گوورڌن شرما گهايل جي سر مڙهان آهي. هن پنهنجي اَڻٿڪ محنت سان هي ڏينهن يادگار بڻايو. دادا دَرِ منهنجي اها ئي وينتي آهي. سندس لاءِ دعا جي گُهر آهي تہ هو عمريون ماڻي ۽ سدا اَڻٿڪ رهي. ٻي صبوح جو ٽيئي مارونڙا پُڻي مان ممبئيءَ لاءِ اسهيا.

- اَرجن مونواڻي.

HEMRAJANI KRISHIN JETHANAND



Sindhi Of The Century

(A) The very youngest member of the P.E.N. (Poets, Play-wrights, Editors, Essayists and Novelists) in the whole of India. A World Association of writers.

(B) Won the first prize in an essay competition on the life and teachings of Mahatma Gandhi, at the young age of 11 (Eleven) years, which was published in the "Congress" Weekly, dated Second October Nineteen Hundred and Thirty Eight (02-10-1938), a Sindhi Weekly.

(C) Knows Eight (8) Indian Languages viz. (1) English, (2) Sindhi, (3) Sanskrit, (4) Hindi, (5) Persian, (6) Urdu, (7) Marathi and (8) Gujarati. Appointed as Assistant Oriental Translator to the Government of Sind, in the year 1945 (Nineteen Hundred Forty Five), A record in the annals of that province.

(D) Passed Graduation, with Economics Honours in April, Nineteen Hundred and Forty Five (1945) at the young age of less than Eighteen (18) years, A World Record.

(E) Passed Matriculation Examination, in the year Nineteen Hundred and Forty One (1941), at the incredibly young age of Fourteen (14) years. A World Record, Never to be repeated.

B - 38 / 150, Siddharth Nagar,
Goregaon (West), Mumbai - 400 104
Ph: 2877 0179

requests indicating the complete details with mailing address to the Council.

3) **Financial Assistance for publication of Books etc. in Sindhi Language.**
   - Descriptive catalogues of rare manuscripts.
   - Self-instructors for Sindhi Language written in other language.
   - Original writing on linguistic, literary works fiction, drama, poetry, and Ideological, Social, Anthropological and Cultural themes
   - Critical edition and/or publication of old manuscripts with or without translations (in other Indian Languages or English).
   - Translations and publications in Sindhi Language of books originally published in another Indian or foreign language.
   - Any other kind of publication as may be individually accepted as conducive to the promotion of Sindhi Language.

4) **Financial Assistance to voluntary organization for selected promotional activities relating to Sindhi Language.**

   Sindhi Institutions/ NGO should be registered with NGO portal at www.ngosindia.com otherwise shall not be entertained.

   Such of those Registered Sindhi institution etc. should be registered with NGO portal at www.ngosindia.com) which are in existence for more than six (06) years in the field of propagation of Sindhi Language with assets worth Rs. 25,000 (Rs. Twenty Thousands Only) and with their Audited Accounts for the preceding 03 (Three) years certified by C.A. are eligible for grants.

5) **Sindhi Language Learning Scheme**

   Sindhi Language Learning Course in Sindhi Language will be run by Sindhi Educational Institutions/Social Service organizations, /Sindhi Panchayats/ Sindhi Women 's organizations/State Sindhi Academies' and Sindhi NGOs. Interested organizations are required to register themselves with the NCPSL. Registered Sindhi Institutions etc. should be registered with NGO portal at www.ngosindia.com). The organizations with three years track record and proof of constant assets of Rs.25,000/- only need apply.

   Scheme of the NCPSL are under revision and amendments to be carried out during the current financial year 2014-15. The application received will be considered as per the revised/amended Scheme.

Separate application proforma should be submitted for each entry. The entries should be sent with prescribed proforma to be obtained from NCPSL or download proforma from our website: www.ncpsl.gov.in up to 15-07-2014.

The Director, National Council for Promotion of Sindhi Language (NCPSL)

West Block –VIII,Wing no-7,First Floor, RK Puram, Sector-I, New Delhi-110066

Phone Nos-011-26180104-07, Fax- 011-26180109.

E-mail: ncpsl.delhi@gmail.com Website: www.ncpsl.gov.in

غزل

✍ اَرجن حاسد

ريت وهنوارُ، اُهو ساڳيو ئي،
تنهنجو آزارُ، اُهو ساڳيو ئي.

منت ۾ ڇڙٻ لڪائي آ تو،
آهين تڪرارُ، اُهو ساڳيو ئي.

تون تہ آئينو، سچو ميرانجهو،
هارُ سينگارُ، اُهو ساڳيو ئي.

اَجنبيِ ڪونهين، سُڃاڻي ويندس،
روپُ آڪارُ، اُهو ساڳيو ئي.

ذائقو تورو، ڪساري وانگر،
مون لءِ ديدارُ، اُهو ساڳيو ئي.

سوچ ايڏو تہ ٿڪايو ڪونهي،
اَڪہ ۾ اِظهارُ، اُهو ساڳيو ئي.

مان سزا جي بہ نہ قابل حاسد،
تہ بہ گنهگارُ، اُهو ساڳيو ئي.

غزل

✍ واسديو موهي

تو بنا حال ڇا ڇئون توکي
تون هوا ۾ ڏيئو ڪٽي ڏسجان.

روز اَڄ-وچ خدا جي ٿي ويندي
منهنجي گهر ۾ اَچي وَسي ڏسجان.

ڪنهنجي قسمت سڃي ڦِري ويندي
هٿ تي هڪڙو اَکر لکي ڏسجان.

ان طرف ڏيان ڪونہ ويو تنهنجو
چنڊ در تان لنگهي ڏُکي ڏسجان.

تنهنجي پاڇي سان پيو هلي هر وقت
ڪير آهي ڪڏهن مُڙي ڏسجان.

ڪيترا روح ننڊ مان اُٿندا
پير سُنسان ۾ رکي ڏسجان.

گِهنڊَ مندر جا ڪَئن وڃي ٿا اُٿن
منهنجي ڇرچي ٿي تون ڪِلي ڏسجان.

سنڌي ٻوليءَ جو وجوُد قائم رکڻ لاءِ سنڌي جاتيءَ کي اَپيل

- يوڳراج اين. ڪيماڻي

سنڌي سنستائن، نئشنل ڪائونسل، اَڪاڊمين، پئنچايتن، سيائن ۽ سنڌيت جي شيدائن طرفان هلندڙ سرگرمين جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ جو واهپو گهٽجندو پيو وڃي ... آخر ڪيسيتائين پنهنجي منڙي سنڌي ٻوليءَ کي اِئين ڏِڪائيندا هلنداسين ... اَسان کي پوري ڪاميابي ڪپي ته هينيان ٻه طريقا اَپنائڻ شروع ڪريون ته بهتر ٿيندو :

(١) هر هند هِڪُ سنڌي وشيه لازمي طور پڙهائڻ شروع ڪيو وڃي. ڇالا سنڌي بولي سِکڻ بنا سنڌيت ۾ جانِ ڪِٿان ايندي!

(٢) سنڌي ٻولِيءَ جا ڪلاس هر ننڍي وڏي شهر ۾ هلائڻ شروع ڪيا وڃن. جتي ڪلاس هلن پيا ته آس پاس ۾ ڪلاس هلايا وڃن، ٻوليءَ جي وڪاس واسطي.

مٿيان ڪاريه اَسانجا نيتائون شروع ڪرائن ته نتيجو سُٺو نڪرندو. نيتائون هن شيءِ ڪارين کي، سنستائن، تعليمدانن، ساهتڪارن ۽ پترڪارن سان ملي يڪمشت ٿي، پنهنجي منوٻل ۽ مضبوط هٿن سان، جلدي عمل ۾ آڻي، سنڌي قوم ۽ ماترڀاشا جون آسيسون ڪٺن ۽ پنهنجي منڙي سنڌي ٻوليءَ کي آڪسيجن تي رهڻ کان بچائن.

(ڪوتا)

ڌرتي منهنجي ...

پريم پرڪاش

چون ٿا تون ديش ڀڳت نہ آهين ...
مون چيو ٻہ ڪونهي مان آهيان
هن ڌرتيءَ جو ئي ڪونہ آهين
مون چيو ڪونهي، پر مان آهيان ...

چون ٿا هر وهنوار ڌنڌي ۾ تون
ايمانداريءَ جي تارازي ٿو لٽڪائين
تو وٽ وَٽ سچا آهن
اِهي ئي تنهنجي ايمان جو مٿو ڦوڙيندا.

هر وقت تنهنجي سچ جي زبان هلي ٿي
ڀين کي سيني سامهون ننگو ڪري ٿي
اِهي ئي تنهنجي زبان ڪٽي ڪباب ٺاهيندا.

چون ٿا تون سٺو ناگرڪ،
شهر پاڙي جي صفائي رکين ٿو
ڏينهن ڏينهن ڪچرو وڌي پيو
اِن ۾ ئي تون دفن ٿي، ڪچرو ٿِي ويندين.

سيني جي مدد شيوا ڪلندي ڪرين ٿو
ڪن منترين جي ڪِلَ ٻُڌندين
تنهنجي شيوا ڪِلَ آنڌن ۾ هلي ويندي.

چون ٿا -
ڪين سُڌارڻ جي چڪر ۾،
اَنڊر ورلڊ سان گلي ملين ٿو،
اَسانجو بہ ڏنڊو چِٽ ڪرين ٿو
اِهي ئي توکي پوليس کان اينڪائونٽر ڪرائي
ڪورٽ ۾ ٽيررسٽ ثابت ڪرائيندا.

چون ٿا آتنڪوادين وٽ وڃين ٿو بي خوف
سندن سچ جو سڻهُ آف ڪري
ماڻهن جي گليءَ ۾ موٽائڻ چاهين ٿو
جن تواريخ کي حملن جي
تاريخن سان پريو آهي
تنهنجي ئي سرير ۾ ٽائيم بم ٻڌي
اِن ئي گليءَ ۾ ڦٽو ڪري
توکي رموٽ بٽڻ سان اُڏائيندا.

هر مندر نڪاڻي مسجد گرجاگهر ۾
سروَ شانتيءَ لاءِ ساڳي پرارٿنا دُهرائين ٿو،
ڪي ڌرم جنوني تو لاءِ پرم شانتي آڻيندا.

چون ٿا سياست ۾ وڃ، ڏاڍو خالصو ٿي ويندين،
لنبي عمارت جيان اَڏجي ويندين
ڪيتري وٽبي آهي
ديش شيوا جي قيمت روڪڙي،
پاڻيهي ٻُجهه سِکي ويندين.

ڪڏهن مار کائين، ڪي توکان ڪنارو بہ ڪن،
غريب بہ ٿي ويو آهين
پر هر وقت تنهنجي چُلهہ تي ديڳڙو دمجي پيو
اِنهيءَ ئي باهہ سان
تنهنجي بہ جهوپڙي جلائيندا.

اَنڊر ورلڊ مان ڦري بٽيل بلڊر اُٿي،
'بزنيس-مال' جوڙائيندا.

اِنسان پرستي جي سِٽ اُچاريندو
هٿن ۾ اَڇا ڪبوتر ڪٽي،
سرحدن تي اَمن پوکين ٿو،
تنهنجيون هٿن ڪٽيل ٻانهون ءِ
پير ڪٽيل ٽنگون هِٽ پوکيندا.
تڏهن بہ تون ... ڪيئن آهين - چون ٿا ...

ها، تڏهن بہ مان آهيان
وشواس منهنجي جا سيئي در دريون کُليل آهن
مان اَڪيلو نہ آهيان، مون جيان اَنيڪ پيا آهن
منهنجا سيئي ڌرتي واسي
چوڻ وارن کي بار بار مارڻ جو سراپ
مونکي ڌرتيءَ وٽان بار بار زنده ٿيڻ
جو وردان مليل آهي.
مان ڪڏهن مرندو ناهيان -
ڪڏهن اَڪيلو نہ آهيان.

گيت ✍ نارايڻ شيام

پنهنجي پر ۾ گهارڻ ڏينم گهڙيون ڪي جانيِ!
تنهنجي مُرڪ بنا ڪم ڪار سهڻ کان ٻاهر،
سهندي سوُر وسارڻ ڏينم گهڙيون ڪي جانيِ!
پکڙيا ڪٿ مان توکي، هات ڪري تين غائب،
هوُند مُڙي نه نهارڻ ڏينم گهڙيون ڪي جانيِ!
تنهنجي سامهون ويهي گيت به ڳايان جيڪر،
چوري چنگ تنوارڻ ڏينم گهڙيون ڪي جانيِ!
ماڻڪ موتي ميڙيا مون ڏيساور ڏوري،
ويهي هنجون هارڻ ڏينم گهڙيون ڪي جانيِ!
آڻ مونکي پاڪر ۾، گيت ٻَڌَلُ جڻ سُر ۾،
بعضي اِئين به گهارڻ ڏينم گهڙيون ڪي جانيِ!

جوان سفر (آزاد نظم) ✍ گوورڌن پارتي

سوُنهن جي سيما ڇُهي،
ڪنهن زنده سنگمرمر وٽان
سايا سريکِي سُرمئي سپني جيان
ٿي ويو شروع پنهنجو سفر!
راه ۾ رنگين اَرمانن جا ڪجھ پوپٽ جهلي
ڇُڙواڳ، من موُجِي محبت جي
شرابي هيرَ ۾ ترندا تڙپندا
ٿاڪ منجهند جو اَچي پهتاسين
اَڻ جاتل ڪناري تي!
مٿان آڪاس توُٽِي مٿل زهريلو
نهاريوسين ته هاٿي بئي نِپٽ ننگا هئاسين
ريشمي پيرن جي هيٺان

هاڻ هئا پٿر
مٿان آڪاس جڻ توُٽِيو
تتل سج - شِيهو پگهريل!
جسم چو - جذبات پِي
اُن وقت آلي ٿي چُڪِي هئي!
جنس جي بک بعد
هاٿي پيٽ جي بک ۾
ضرورت کان زياده سيکجي
سُپنن جا سٿيا رونلا ويا ها سڙِي
تُنهنجي نظرن ۾ هئي مجبور نفرت
منهنجي نظرن ۾ مُئل پڇتاءُ هو!

(پارتيءَ جي ڊائريءَ تان)
- ڊولڻ راهي.

خوب محفل مچائينداسين ...
جڏهن پاڻ ۾ وِهنداسين

✍ موهن همٿاڻي

جڏهن رات جو
اَڪيلائيءَ ۾
لمحا
پاڻ ۾ گڏجندا آهن
دل کولي
ڳالهيون ڪندا آهن
ءَ
صدين جيتري
زندگي جياري ويندا آهن.
ڪِلندي ڪِلندي
ماضيءَ جون اَکيون
نم ٿيڻ لڳنديون آهن
تہ حال
ڪيس پاڪر پائي
آٿت ڏيندو آهي ؛
هاڻي
تنهنجي ۽ منهنجي
وس جي ڳالهہ ڪونهي - دوست
ڳالهہ تہ
وقت جي هٿان بہ
نڪري چُڪي آهي
هونءَ بہ
هن جو ڪم
هلندو رهڻ آهي
سڀ ڪجهہ
ٿيندي
ءَ ڏسندي.
جيڪو
ٿي ويو
سو ٿي ويو -
سڌو يا ڪهڙو بہ ...؟
پر
جنهن کي
تيڻ ڪان
روڪي سگهجي ٿو
تنهن کي
روڪڻ ۾
ڪيرُ
اِنٽريسٽيڊ
ڪونهي ...
روڪي
سگهڻ وارو بہ نہ!
شايد
اِهو سوچي
تہ
اِن کي بہ
پنهنجي انجامَ تائين
پهچڻ ڏيون-
اِها بہ
گفتگو ختم ٿئي -
شُپاٽي
بي ڪا
نئين ڳالهہ ڪيون.
تنهنڪري
دل ننڍي نہ ڪر
منهنجا دوست
اِجهو
مان بہ
جلد (ماضي بڻجي)
توسان
گڏ
اَچي وهندس-
بئي پاڻ ۾
وهنداسين
راتيون رهاڻيون ڪنداسين
چانڊوڪيون ماڻينداسين.
آئيندي جي باري ۾
ڪيترو سوچي
ڪيترو سوچينداسين...؟
پنهنجي حالت تي
روئي بہ
ڇا ڪنداسين...؟
پنهنجي موٽ تي
ڪِلنداسين
آسمان تائين
پهچڻ وارو
هِڪ وڏو ٽهڪُ
ڏينداسين
خوب محفل
مچائينداسين
جڏهن
پاڻ ۾ وِهنداسين.

غزل ✍ گوپ ڪمل

- ٻوساٽ ايڏي، ڪجهه ته هوا ۾ مليل هئو،
تيزاب ڪنهن پريو يا ڪٿي ڪجهه ڏَڪيل هئو.
- نفرت جي هن قِلعي مان تون ٻاهر نٿو اَچين،
تو لاءِ منهنجو در ته هميشه کُليل هئو.
- پاسا ورائي رات ڪٽي، سَنڌ هي اَکيون،
پاسي کان بستري جي ڪو سپنو ڪِريل هئو.
- توکي هو دوست ٿو چوي، رشوت نٿو وٺي،
سچ پچ ته هن جو پيٽ اَڳي ئي ڀريل هئو.
- جنهن تي گهمنڊ پنهنجي بُلنديءَ مٿان ڪيو،
اُن آسمان جو به هتي سر جُهڪيل هئو.
- سڀ ڪوڙ جي ئي محل ۾ آرام سان رهيا،
سچ هڪ وڏو پهاڙ هو رستو مُنجهيل هئو.
- چانڊوڪي رات ۾ ته مزي سان هلي پيو،
رڻ پٽ جي تيز اُس ۾ هي پاڇو گُهنجيل هئو.
- توکي جواب خط جو ڏيان ها ڪمل ضرور،
ڏُنڌلا هئا ڪي لفظ، پنو ئي ڀُسيل هئو.

❧

غزل ✍ اَرجن چاولا

پنهنجي تو ڳالهه پل لڪائي آ،
ڇا نئين رمز آزمائي آ؟

توسان ياري ڳنڍي نه سوچيو ڪڏهن،
ڇا ڇٽائي آ، ڇا لٽائي آ!

پل تون خيالن ۾ ٿو رهين، پر اِهو
ڪجهه ملڻ ٻي آ، ڪجهه جُدائي آ!

تون اَکين ۾ وَسيل، سو سامهون لڳل،
تنهنجي تصوير مون هٽائي آ!

پوءِ به اَکڙين جي آبرو خاطر،
پنهنجي پلڪن پٺيان ڇپائي آ!

هن غفا ۾ نه ڪو ٻِٽو، نه وري
ڪنهن به جُگنوءَ جي روشنائي آ!

هاڻ سناٽا ڇا ڪندا مونکي،
مون سان همراه هيڪلائي آ!

ڏينهن ڪٽبو اَلائي ڪئن هاڻي،
سڄ سان گڏ اُس نظر نه آئي آ!

مونکي فرصت نه آهه کِن پل جي،
پوءِ به پائيان ٿو واندڪائي آ!

❧

نيڙو

ڪيمن يو. مولاڻي

چانڊوڪي چوڏار،
چيھون چيھون چنڊ ٿيو،
لهرن تي هر وارِ.

--

اُس ۾ برسن مينهنَ،
ڏسڻا پوندا ڏيهہ کي،
هاڻِ ڏڪر جا ڏينهن.

--

ٻگهلا پل تون ڪاٽ،
ڪٽنديون ڪونہ ڪڏهن مڇيون،
جيسين آهہ درياءُ.

--

لوڪ مڙيل ها ڪوڙ،
ويهہ ماڙ تان ڪو ڪِري،
ٻچيو ڏٺيءَ جي جوڙ.

--

ٻوڙ ٻڪون گهمسانُ،
ڳاڙهي ڪپڙي کي ڏسي،
ٻاهوڙيو هو سانُ.

--

اِئن نہ تميا ها نيڻَ،
گهرا گهاوَ کيا وڃي،
ڪٽي هنئين ۾ ويڻ.

--

ڪنهن جو ٻُڌندي ٺهڪُ،
آيو هو جڻ روحَ کِي،
وڏو اَچانڪ ڇهڪُ.

--

جيڪي ٻکيا پاڻ،
بيک پِنڻ تن وٽ وڃن،
تہ بہ ڪيڏا اَڻ ڄاڻ.

غزل

پرنسيپال ہلديو ہڏراڻي 'ديپ'

ڏِنو يارَ غمُ، جو، وَڃڻ وارو ناهي،
اَءِ دلا هِتي ڪو اَچڻ وارو ناهي.

تُنهنجي دل جي ڏُک-درد جو اَڄ هِتي،
اَحساسُ ڪنهنکي ٿِيڻ وارو ناهي.

اَءِ نادان شمعا ذرا سَمِجهہَ ڏارِ،
پَروانو ڪوئِي جَلڻ وارو ناهي.

وَهائيندا آنسوُن فقط چار ڏينهڙا،
ڪوئِي ٻِي ڪَنهن لئہ مَرڻ وارو ناهي.

ڪَشتيءَ ۾ رَکُ پيرَ سوچي ۽ سمجهي،
جو ملاح هِت ڪو اَچڻ وارو ناهي.

نہ اِظهارُ ڪَرِ 'ديپ' پنهنجي غمن جو،
جو ماتم هِتي ڪو ٿِيڻ وارو ناهي.

قطعا

ڊولڻ راهي

(۱)

چاهيو جو هُيُم دل سان نہ سو پائي سگهيس،
پاتو جو اَتم سو بہ نہ وچائي سگهيس.
چاهيم تہ گُهران توکان ئي پر تنهنجي در
سوالي ٿي زبان پنهنجي نہ اُڪلائي سگهيس!

(۲)

من جي اونداهي آڱڙ ۾ چنڊ ٻڏي جئن آئين تون،
مهڪي پيئي ٻهڪي پيئي رڱ رڱ روشن خوشبو سان،
چانڊوڪيءَ جي ڪِرڻن تنهنجا نينهن نياپا پهچايا،
رات جي راڻيءَ ٽِڙندي واسيو منهنجو تن من خوشبو سان!

(۳)

تون آئين مُنهنجي جيون ۾
هر شيءِ جي معنيٰ مٽجي وئي،
مان پڻ هاڻ رَهيِ مان ناهيان
مُنهنجي معنيٰ پڻ تون ٿي وئي!

غزل

ڪمل پياسي

- ڪين مونکي هاڻ ايڏو شوق لکڻ جو رهيو،
ءَ نہ اَديبن جو انهيءَ لاءِ چاهہ آ اُڀريو.
- ڪنهن سان بہ گفتگو ۾ چاهہ چست ناهي،
هر حرف ان ۾ فارسيءَ جو اولڙو رهيو.
- ڳنڍي رکيو تہ پاڻ کي جيجل زبان سان،
ٻڌندي ئي سارُ سڪ سندو ڪنن ۾ هو وڄيو.
- منهنجي گهرائپ آ گهڻي آ پاشا سنڌيءَ سان،
هر لفظ مان ماڻي سگهان ٿو موهہ ڪو ڳجهو.
- بي اختيار منهنجا غزل گنگنائڻ لوڪ ٿا،
لحظو بہ جي سنڌي آ تہ اوچو ٿئي دهڙو.
- سوچ جي سانبيل اَتم سي ڪيئن مِٽي وڃن،
مان آهيان ان طرح جيئن سئيءَ ۾ ٽئي سڳو.
- نازُ ٻوليءَ تي اَتم ءَ ناز سنڌيت تي،
پياسي سڄاڻ آ سُندم سنڌيت لاءِ حوصلو.

غزل

✍ جئرام چمناڻي 'ديپ'

کنهن کي ٻولهي لَهڻ ڏکيو آهي،
ڳالهہ نندڙي چوڻ ڏکيو آهي.

۱- هو تہ پرسان ئي منهنجي بيٺو هو،
تہ بہ اِئين اَک کڻڻ ڏکيو آهي.

۲- هِن سان کا ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ هئي،
کنهن کان نالو پُڇڻ ڏکيو آهي.

۳- ايندي ويندي تہ گڏجندا آهيون،
وات کنهن جي ڏسڻ ڏکيو آهي.

۴- مرڪ جي مرم هرکو ڄاڻي ٿو،
باغ ۾ پر ملڻ ڏکيو آهي.

۵- ڪم تہ ڪوئي نہ هو نہ مجبوري،
خامخواه خط لکڻ ڏکيو آهي.

۶- ديپ هن ٻيوسيءَ کي ڪير چوي،
کنهن کان وچڙي وڃڻ ڏکيو آهي.

ﮩﮩ

غزل

✍ هري چوئٿاڻي

آهہ قسمت جو ڪڏهن ڪيڏو قهر؟
دربدر دل، درد سان زخمي جگر.

جسم مان جڻ روُح ٿو نڪري وڃي،
بي وفائي ٿي ڪري اَهڙو حشر.

.... آهہ قسمت

آ جيئڻ تنها، مري پَلِ پَلِ جيئڻ،
هم سفر بن زندگي بي رنگہ سفر.

.... آهہ قسمت

هرڪوئي بي وَسِ 'هري' آ اِن اَڳيان،
ٿِيون رهن آهون ۽ دانهون بي اَثر.

.... آهہ قسمت

جي اِها قسمت نہ آ ٻيو ڇا ڀلا؟
مات ۾ تنها پوي پيئڻو زهر.

.... آهہ قسمت

ﮩﮩ

رباعيون

✍ گيتڪار گووندا

(١)

اِنعام، اِقرار به، ماپيو وَيو،
مُنهنجو، هِڪُ هِڪ اَکر، جاچيو وَيو،
ڪُجھ هَٿِ نه آيو، بِنا ڏي وَٽُ جي،
مُنهنجو طئه تيلُ، ٻئي کي، تاڪيو وَيو.

(٢)

سَچو ٿِي، چَيُم سَچُ، تهَ گارِ مِلي،
بِنا نوَڻِ، ووٽ وَرتا، ته هارَ مِلي،
ناهي زمانو ڪنهن کي به، ڪجھ چوڻ جو،
ڪوڙي کي، چَيُم ڪوڙو، ته مارَ مِلي.

(٣)

هڪ چڙنگه مونکي لتاڙي ويندي، خبر نه هئي،
پنيت باهه مونکي ساڙي ويندي، خبر نه هئي،
سالن کان سانڍيو هو، ساهه ۽ سرير پنهنجو،
گرم هوا، چمن اُجاڙي ويندي، خبر نه هئي.

(٤)

اُت هَلُ پيئَڪَ، اَڄُ وري، هام اَچي ويئي،
پوءِ نه چئجئن، ته مئڪدي ۾، حشام اَچي ويئي،
ساقي جامُ ڪنهن کي، ۽ ملائيندي نظرون ڪنهن سان،
جيڪو مِلئي پِي، شام-اي-غم، تمام اَچي ويئي.

(٥)

اَجان، ڪيڏو پيئان شرابُ مان،
اَجان، ڪيڏو ٿيان خرابُ مان،
خُدا، ولندو سڀُ حساب مونکان،
ها، پو چو نه رکان حجابُ مان.

(٦)

رک وات بند، ۽ آئر چپن تي، چُپ رهه،
ٻڌيهن ڏندن مان، ڪنهن کي به ڪجھ نه چئهُ،
جي ڪجھ چَيئه غلط ته، لوڙيندين پيو،
اِشارن اِشارن ۾ وينو، هردم پيو وَههُ.

(٧)

صابڻ تيل، پيو ٿو، خوب هڻين،
لِڱهُ لِڱهُ وينو، پيو صاف ڪرين،
پر من کي ڪڏهن به نه، ڌوتو تو،
مورک اِنسان هيِ. چا پيو ڪرين.

(٨)

مونکان، خطا به ٿي وَئي،
ها، مونکي سزا به ٿي وَئي،
خدا تو ۾ ۽ مون ۾، پوءِ ڪهڙو فرقُ،
توکان به ته، بي-حيائي ٿي وَئي.



(1) **’ساوتري - پراڻڪ ڪٿا - مها ڪاويہ‘**

(چونڊ سلوڪ - سٽون - ٽيڪا سان) مول ليکڪ : رشي اَربندو گهوش - سنڌيڪار : ڊاڪٽر ايس. ڪي. پنشي

ڊيمي سائيز، صفحا 320، سال 2013، قيمت 250 روپيا، ڇپائيندڙ ڊاڪٽر ايس. ڪي. پنشي - سچدانند ڪالوني - اِسٽيٽ بئنڪ جي پنيان - ڇمري تلاءُ روڊ - اَمراوتي 444601، مهاراشٽر. ترجمان جو موبائيل نمبر : 9850344540.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ ودوان پرنسيپال ڪنئيالال تلريجا لکي ٿو تہ ترجمو سليس - سپڪ - سلوڻي سنڌيءَ ۾ ڪيل آهي. پاٺڪ سنڌي اَنواد پڙهندي روح کي راحت - رس ۽ رواني محسوس ڪندا.

جڳ مشهور اَنگريزي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌيڪار جس جو پاڻي آهي. ڪتاب هر سنڌي پاٺڪ کي ضرور پڙهڻ گهرجي.

(2) **’ڪوتائون‘** - شاعر : اَرون ٻاٻاڻي

سنڌي - اَنگريزي ۽ هنديءَ ۾ ڪتاب ليگل سائيز جي اَڌ حصي (8.5x14) جي اَڌ جي ڇپيل آهي. صفحا 148، سال 2013، قيمت 300 روپيا، ڇپائيندڙ شاعر پاڻ (اَرون ڪيرت ٻاٻاڻي) - سندس موبائيل نمبر 9323144995، Email : arunbabani@yahoo.com

(3) **’پاڇرا‘** - (غزل ۽ شاعري) - شاعر : منوج چاولا ’تمنا‘

ڊيمي سائيز، صفحا 83، سال 2013، قيمت 120 روپيا، ڇپائيندڙ شاعر پاڻ - 13، سنڌو جوتي سوسائٽي، مايا سئيما پنيان، جهونو G وارڊ، ڪبير نگر، اَحمدآباد - 382340 - موبائيل : 9228887107

(اِليڪشن جي ماحول تي)

بيت

✍ هرداس پوهوڄا ’داس‘

هِت وانون آهن ويهي، کهڙي واٽ وٺان،
ايندو محبوب ڪِٿان، سرتيون ڏسيو مونکي.

ياد مونکي هُن جي، ڏئي ٿي ڏاڍا سوير،
پئي پڇايان پوُر، دم دم هُن سان ملڻ لءِ.

سورن سندي سيج تي، مون سوين سوُر سٺا،
ٿا اَچن ياد اَچا، ڏنگ لڳا جي هيانوَ تي.

شمع جي شعاءَ تي، آ پروانو مستانو،
ايڏو هوُ ديوانو، پيو صدقي ساهه ڪري.

راهه اَڻانگي عشق جي، هوندي توکي خبر،
کوٽِي پنهنجي قبر، ڪري سنگ عاشقن جو.

مون آس رکي جا، آهي پنهنجي مَنَ ۾،
تات آهي سا تَن ۾، پوري ٿئي پرين ملڻ سان.

پريتم کي پرچائڻ لاءِ، ڪريان اُدم هزار،
منهنجو آ سچو پيار، داس چوي ٿو دل مان.

ꕥ

ڪويتا

✍ ونيتا مولاڻي

ننڍڙي ننڍڙي گهر ۾
رهندي هياسي سڀئي گڏ
ڀاءُ ڀيڻ اَمان بابا
وڏن جو مٿي تي هٿُ
پيار هو محبت هئي
پاڻ ۾ وشواس هيو
سنسڪار مليا ورائت ۾
۽ شانتيءَ جو واس هيو
هاڻي گهر وڏا وڏا ٿي ويا
سڀني جا نويڪلا ڪمرا آهن
گڏ ته رهون ٿا پر دل ۾
ڇڻ وڇوڙا آهن
سڀني جي پنهنجي زندگي
پنهنجو هِي سنسار
ڇوڻ نه مڃن وڏن جو ته ڪيئن
ايندا سنسڪار
جو نه هجي هڪ گهر منهنجو اَهڙو
پنهنجائپ ۽ سِڪ هجي
مٺو ماڪيءَ جهڙو
نِوڙت نيزاري ۽ وڏن جو هجي لحاظ
اَهڙي گهر تي سڀني کي ٿيندو نازا

ꕥ

مهاڳ طور لکمي پنهنجي ڪهاڻيءَ ’هٺ ڌرمي‘ مان اِستري جي ڳجهارت پري مُرڪ وارو بيان ڏنو آهي. سلسليوار 1979 کان 2014 تائين سندس ڇپيل 33 ڪهاڻيون ڏنل آهن ۽ سندس سفر اَڃان جاري آهي. ڳڻ ڪيل ڪهاڻيون ليکڪ جي اَدبي سفر جو اَڀياس سَولو ڪري ڇڏين ٿيون.

(8) **’خواب آوارا پکي‘** - (شاعري) - شاعر : اَحمد سولنگي.

ڊيمي سائيز، صفحا 472، سال 2013، قيمت 450 روپيا. ڇپائيندڙ سنڌيڪا اَڪاڊمي، B-24، نئشنل آٽو پلازا، مارسٽن روڊ، ڪراچي - 74400. پڪو شاندار جلد - مهاڳ لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘ - پس نوشت - پوسٽ سڪرپٽ - رڪيل مورائي.

سنڌي ساهتيہ ۾ ڪيترا ڪتاب مهاڳ ڪري مشهور ٿي ويندا آهن تہ ڪيترن ڪتابن جا مهاڳ ڪتابن کان بہ آڳہ ڪٿي ويندا آهن. ۽ اَدب ۾ ور ور ڪيو انهن مهاڳن جو زنده جاويد ذڪر پيو نڪرندو آهي. اَهڙا ڪجهہ مهاڳ جيڪي دل تي تازو تري اَچن ٿا - سڀن آهوجا جو نارائڻ شيام جي ’روشن چانورو‘ ڪتاب تي، ڊاڪٽر تنوير عباسي جو نارائڻ شيام جي ’بوند لهرون ۽ سمنڊ‘ (غزل) ڪتاب تي، لالسنگهہ اَجواڻيءَ جا مهاڳہ جي پوءِ ڪتابي صورت ۾ ’اُڇل‘ سري سان ڇپيا. محمد ابراهيم جويو جا اَڻڳڻيا مهاڳ جيڪي ’ڳالهيون ڪتابن جون‘ ۾ ڇپيل آهن - جيڪو ڪتاب ’هوءَ جا نمڪي باهڙي‘ سيريز ۾ ظاهر ٿيو. سدا حيات رشيد ڀٽي جو شيخ اياز جي ڪتابَ ۽ سحر امداد جو امداد حسيني جي ’هوا جي سامهون‘ ڪتاب جا مهاڳہ بہ اَڻوسرندڙ آهن. ’جهڙا گل گلاب جا‘ جلد پهريون ۾ غلام رباني جو مقدمو ۽ سندس ڪتاب ’سنڌ جا بر، بحر ۽ پهاڙ‘ ۾ پس نوشت - پوسٽ سڪرپٽ مان سندس سنڌ ۽ سنڌي ساهتيہ جو اَڀياس ۽ وابستگي اُجلون ٿي ڏئي. ’سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ‘ مول ليکڪ ديارام گدومل شهاڻي، ترجمو ۽ ترتيب حسين بادشاهہ جو مهاڳ طور ڏنل پنهنجي پاران سندس وشيہ جي گهري ڄاڻ جو نوس ثبوت آهي. ان کان گهڻو اَڳہ شاه جي رسالي جو ڊاڪٽر گربخشاڻي جو مقدمو ۽ سامي‌ءَ جا سلوڪ تي ناگراڻي جو مهاڳہ اَڄ بہ اَدب ۾ جوڳو مقام ماڻين ٿا ... هت لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل جي مهاڳہ کي بہ مان ذڪر ڪيل مهاڳن جي قطار ۾ ڳڻيان ٿو. لڇمڻ مهاڳہ لکڻ مهل پنهنجو اَدبي سرمايو فراخدليءَ سان ڪم

(4) **'چڪر چوراسي جو'** - (شاعري) - شاعر : ڪي. ٽي. دادلاڻي

ڊيمي سائيز، صفحا 97، سال 2013، قيمت 160 روپيا، ڇپائيندڙ شاعر پلاٽ - 70، ڪمفرٽ گرينس - نئين سينٽرل جيل پرسان - گروند باءِ پاس روڊ - ڀوپال - 462038، موبائيل نمبر : 09425602076

(5) **'ماروئڙا ۽ ماڳ'** - (مضمون) - ليکڪا : وينا شرنگي.

ڊيمي سائيز، صفحا 128، سال 2013، قيمت 275 روپيا، ڇپائيندڙ وينا شرنگي - C-84، اندرپوري، نئين دهلي - 110012، موبائيل نمبر : 09868377321.

مهاڳ ۾ واسديو موهي لکيو آهي ته وينا شرنگيءَ کي قدرت به ڏاتون ڏنيون آهن - آواز ۽ اَدب سان ڳنڍيل.

(6) **'اَدبي چمن'** - (ساليانو اَدبي رسالو) - سنڌي ساهتيه اَڪادمي - گجرات راجيه، اپي ليڪاگار ڀون، سيڪٽر - 17، گانڌينگر - 382017.

سمپادڪ : ڊاڪٽر جيتو لالواڻي.

ڊيمي سائيز، صفحا 384، سال 2014، قيمت فقط 20 روپيا

سنڌي اَدب جو سٺو - سستو ۽ ڳردار رسالو جنهن ۾ هند-سنڌ جي ساهتڪارن کي جوڳي جاءِ ڏنل آهي. ايڊيٽر - سمپادڪ کيرون لهڻيون.

(7) **'لکمي کلاڻيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون'** -

ڪهاڻيڪار : لکمي کلاڻي

ڊيمي سائيز، صفحا 258، سال 2014، قيمت 250 روپيا، پڪو جلد - ڇپائيندڙ اَسانجو اَدب - 6، ملير، وارڊ 4A، آديپور - گانڌيڌام - 370205، ليکڪ جي اَيڊريس ساڳي.

ڪتاب راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، نئين دهلي (NCPSL) جي مالي مدد سان ڇپايل آهي. ڪتاب سنڌ جي ناليري ليکڪا ڪهاڻيڪار - ماهتاب محبوب کي اَرپڻ ڪيل آهي.

دعاگو دوست




Shri Vinod Dhankani
Chartered Accountant



Shri Pahilaj Ahuja
Ex. Principal, New Era High School



Shri Mukesh Kimtani
Director / Builder



Shri Kanayalal Lalwani
Violin Master



Smt. Neeta & Shri Prakash Panjwani



Inauguration of Book
Selected Short Stories
by Lakhmi Khilani



Inauguration of 'Koonj'
by
Shri Harish Mirchandani
& other members of
Sindhu Youth Circle

Courtesy : MURIJ MANGHNANI - Dubai.

آندو آهي. ان لاءِ شاباس اَحمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي آهي جنهن هن جي جذبات کي وڌوڙيو آهي. شيخ اياز جي نثر جا ڪتاب پڙهبا ته انهن ۾ اياز صاحب ڏيهي پرڏيهي عالمن جا حوالا سپيڊ ۽ انداز ۾ ويندو ڏيندو. هت به لڇمڻ ڪومل ذڪر هيٺ آيل مهاڳ لکڻ مهل اَٽڪل ٧٠ (ستر) ڏيهي پرڏيهي عالمن - اَديبن - شاعرن ۽ ڏات ڌڻين کي نه فقط ڪوٽ ڪيو آهي پر انهن جا حوالا ڏيئي اَحمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي انهن سامهون بهاري ڏيکاريو آهي ته اَڄ نه سڀاڻ سنڌ جو هي شاعر چوڏس چوڌار چمڪندو. ضرور چمڪندو. لڇمڻ جي مهاڳ مان ڪجهه ٽڪرا ڏيڻ هت بي جاءِ نه ٿيندو.

تازو اَدل سومرو هند ۾ آيو جنهن وڙ ڪري ڪجهه ڪتاب ۽ مگزنس موڪليا. 'پوپٽ' (مخزن ١٠) ۾ اَمر اقبال احمد جيان اُڏار ڪٿي آ؟! ۾ اَحمد سولنگيءَ جي ڪتاب جو اَپياس لکيو آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته ”اَحمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جون پاڙون ڪلاسيڪي ورثي مان خوراڪ حاصل ڪن ٿيون ۽ سندس تخليق جا گل، پتا ۽ ٽاريون جديد ڏيهي، پرڏيهي فڪر جي روشنيءَ مان نواڻ حاصل ڪن ٿا.“ ... پر ڪٿي به هن لڇمڻ جي مهاڳ جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. 'اَدبي چمن' ساليانو رسالو - سنڌي ساهتيه اَڪادمي گجرات راجيه - گانڌينگر ۾ رڪيل مورائي جو ڪتاب وارو پس نوشت - پوسٽ سڪرپٽ ڇپيل آهي، جنهن ۾ ”اَحمد سولنگي - شخص ڪان شاعر تائين“ هڪ جاندار ليک آهي. جنهن ۾ لڇمڻ ڪومل جي مهاڳ مان به مدد ورتل پئي پائنجي پر ڪٿي به لڇمڻ جو نالو نشان ڪونه ڏنل آهي ۽ مٿان نصيحتنامو آهي ته مهاڳ ۾ ڪتاب ۾ ڇپيل شاعري ورائي ڇپڻ نه گهرجي - اِنڪري مهاڳ پڙهڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. رڪيل مورائي پنهنجي ناپسندگيءَ جو اِظهار صاف ۽ چٽو ڇيو آهي. سچ چيو اَٿن ته ”ڪنهن کي واڻ وائي ته ڪنهن کي بصر بادي ته ڪنهن کي وري ٿوم سوادي.“

لڇمڻ اَحمد سولنگي کي نئين نسل جي علامت ڪري ڪنيون آهي. سنڌ جي شاعري ۽ هند جي نثر جو سنگم آهي خواب آوارا پکي.

ဢဢ

KOONJ ESTD. 1960
Sindhi Literary Magazine
July-August 2014
Founder Editor : Late Hari Motwani "Sindhi"
Registered as a Newspaper Indian R. N. 11551/61
Price : Rs. 60.00

مشڪندڙ مهانڊا - سدا بهار شخصيتون



Prof. Manju Nichani
Principal, KC College, Mumbai



Mrs. Asha Jeevan Idnani
Mayor, Ulhasnagar Municipal Corporation



Mrs. Veena Bhatia
BJP Corporator, Thane Municipal Corporation



Prof. Mrs. Komal Jani
Director, Nav Jeevan Co-operative Bank Ltd., Ulhasnagar.

Courtesy : Dayal & Veena Harjani, DUBAI